REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) ڇنڇر 16 ڊسمبر 2023ع بمطابق 02 جمادي الاثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 200

اسان والاريل ڪشمير جي حوالي سان ڀارتي سپريم ڪورٽ جو فيصلو جوتي هيٺان رکون ٿا: نگران وزيراعظم

والاريل ڪشمير واسين کي اسان پاڪستاني شهري سمجهون ٿا، پنهنجي شهرين جي حقن جي پامالي ڪنهن صورت ۾ ٿيڻ نه ڏينداسين

جتي ڪارروائي جي ضرورت هوندي ته ڪنداسين، ڀارتي سپريم ڪورٽ جو فيصلو جوتي هيٺان رکون ٿا، ڪا به عدالت ڪشميرين جي مستقبل جو فيصلو نٿي ڪري سگهي

والاريل ڪشمير جي حوالي سان ڪنهن به قسم جو هڪ طرفو قدم پاڪستان ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندو

ڀارتي سپريم ڪورٽ زميني حقيقتن کي نظرانداز ڪيو آهي، ڀارت پنهنجي حد ۾ رهي، ان کي پار نه ڪري

جلد اسلام آباد ۾ ٻيهر اجلاس ٿيندو، تحريڪ کي ڪيئن هٿي ڏيڻي آهي ان تي ڳالهائيو: آزاد ڪشمير جي تخت گاهه مظفر آباد ۾ پريس ڪانفرنس

مظفرآباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نگران وزير اعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو آهي ته ڀارتي سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي پنهنجي جتيءَ سان ٺڏيون ٿا، ڪشمير ڀارت جو نه ڪڏهن حصو هو ۽ نه ڪڏهن رهندو. مظفر آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو ته ڪا به عدالت ڪشميرين جي مستقبل جو فيصلو نه ٿي ڪري سگهي. هن چيو ته والاريل ڪشمير بابت ڪوبه هڪ طرفو فيصلو قبول نه ڪنداسين/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

MEDIA CENTRE
DIRECTORATE GENERAL PUBLIC RELATIONS
AZAD GOVT. OF THE STATE OF JAMMU & KASHMIR

مظفرآباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ پريس ڪانفرنس ڪندي، آزاد جمون ڪشمير جو وزيراعظم به ويٺل آهي

هڪ شخص کي ٻاهران ڪري رکيو ويندو آهي ته جيئن پسنديده اميدوار کٽي وڃي: چيف جسٽس

جن الزامن تي عهدي تان هٽايو ويو، ڇا اهي صحيح آهن، اوهان جي درخواست آئين جي آرٽيڪل 184 ٽري تحت آهي: وڪيل حامد خان کان پڇاڻو

اوهان جو الزام آهي ته هو ڪنهن ٻي لاءِ سهولتڪار بڻجي رهيا هئا، هڪ شخص کي نقصان پهچايو ويو ۽ ٻئي کي فائدو: چيف جسٽس

جيڪڏهن ڪنهن کي نااهل ڪيو وڃي ته ڪنهن کي فائدو به ته ٿيندو، آرٽيڪل 184 ٽري ۾ هي ڪيس اوهان اسان وٽ آندو آهي

صدر جا اختيار تمسر گهٽ آهن، هو پاڻ وزيراعظم جي ايڊوائس تي هلندو آهي، وفاقي حڪومت ۽ ڪابينه هڪ شخص نسهن، جڏهن اسان وٽ آئين آهي ته اسان ان موجب هلنداسين

منهنجو سوال آهي ته فوج آزاد ادارو آهي يا گهڪومت جي ماتحت آهي، حڪومت جو سربراهه ڪير هوندو آهي؟ (چيف جسٽس) حڪومت جو سربراهه صدر هوندو آهي: وڪيل حامد خان

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ۾ اڳوڻي جج شوڪت عزيز صديقيءَ جي معزولي خلاف درخواست تي ٻڌڻي لائيو جاري آهي، چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهيءَ ۾ پنج رڪني لارجر بئنچ طرفان ٻڌڻي جسٽس امين الدين، جسٽس جمال مندوخيل، جسٽس حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس عرفان سعادت بشبج ۾ شامل آهن چيف جسٽس معزول جسٽس شوڪت عزيز صديقي جي وڪيل حامد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهيءَ ۾ پنج رڪني لارجر بئنچ لائيو ڪارروائي ٻڌندي

چيف اليڪشن ڪمشنر جي چيف جسٽس سان ملاقات

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجه چيف جسٽس جي دعوت تي ملاقات لاءِ سپريم ڪورٽ پهتو

ملاقات ۾ جسٽس سردار طارق مسعود، جسٽس اعجاز الاحسن ۽ اٽارني جنرل به شريڪ ٿيا: ذريعا

ملاقات آر اوز ۽ ڊي آر اوز جي مقررين بابت لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي سلسلي ۾ ٿي آهي

اسلام آباد (م ڊ) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجه چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ سان ملاقات ڪئي آهي، ذريعن موجب چيف اليڪشن ڪمشنر چيف جسٽس جي دعوت تي ملاقات لاءِ سپريم ڪورٽ پهتو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

نگران وڏي وزير پاران سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ڪارڪردگي تي ڪاوڙ جو اظهار

نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ فوڊ اٿارٽي جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، سيڪريٽري فوڊ ناصر عباس ۽ ڊي جي فوڊ اٿارٽي سميت ٻين عملدارن شرڪت ڪئي

شهر جي اڪثر ريسٽورينٽس جي حالت انتهائي خراب آهي: نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير مقبول باقر پاران سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ڪارڪردگي تي مايوسي ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ثقافتي ڏينهن ملهائڻ جي ڏوهه ۾ ٻن استادن ۽ 15 شاگردن تي ڪيس داخل

ڄامشورو (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مادر علمي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ثقافتي ڏينهن ملهائڻ جي ڏوهه ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

چونڊون 11 فيبروري تائين ٿي سگهن ٿيون: ڪنور دلشاد

اليڪشن ڪميشن جي آئيني ذميواري آهي ته هو هاءِ ڪورٽ جو فيصلو قبول ڪري

هاڻي لارجر بينچ فيصلو ڪندي ۽ ان جي فيصلي تائين اليڪشن ڪميشن اليڪشن شيڊول کي ڪجهه ڏينهن لاءِ ملتوي ڪندي

هاءِ ڪورٽ جي ججن خدمتون ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو، ان ڪري اليڪشن ڪميشن بيوروڪريسي کان خدمتون ورتيون

لاهور (م ڊ) پنجاب جي نگران وڏي وزير جي صلاحڪار ۽ اڳوڻي سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن ڪنور دلشاد چيو آهي ته هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪيترن ڏينهن تائين چونڊن تي اثرانداز نه ٿيندو ۽ سندس چوڻ هو ته چونڊون 11 فيبروري تائين ٿي سگهن ٿيون. نجي ٽي وي سان ڳالهائيندي پنجاب جي نگران وڏي وزير جي قانون بابت صلاحڪار ۽ اڳوڻي سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن ڪنور دلشاد چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن جي آئيني ذميواري آهي ته هو هاءِ ڪورٽ جو فيصلو قبول ڪري، ان کي واپس ورتو وڃي، هاڻي لارجر بينچ فيصلو ڪندي ۽ ان جي فيصلي تائين اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

لاهور: اڳوڻو سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن ڪنور دلشاد نجي ٽي وي سان ڳالهائي رهيو آهي

صوبي ۾ پاڻي جي بدترين ڪوٽ تي سمورن ڪمشنرز کي نوٽيس، جواب طلب

ڇا حڪومت پاڻي جي فراهمي لاءِ ڪوٽا مقرر ڪري ٿي؟ چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ

حڪومت پاڻي جي پيداوار تي خانگي ڪمپنين کي سبسڊي ڏئي ٿي: آبادگارن جو وڪيل علي احمد پلهه

سنڌ ۾ 34 سئو روپين واري پاڻي جي ٻوري ساڍا 5 هزار روپين ۾ بليڪ تي وڪرو ٿي رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ صوبي ۾ پاڻي جي بدترين ڪوٽ تي سمورن ڪمشنرز کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو 10 جنوري تي جواب پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، وقتي چيف جسٽس عقيل احمد ٻڌڻي دوران سوال ڪيو ته ڇا حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

عدت دوران نڪاح ڪيس ۾ عمران خان طلب

عدالت بشرا بي بي جي هڪ ڏينهن جي حاضري کان ڇوٽ واري درخواست منظور ڪندي ڪيس 50 هزار رپين جا ذاتي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

جوابدارن کي شڪايت جون ڪاپيون ۽ ٻيا دستاويز فراهم ڪري ڇڏيا آهن، نڪاح جي ڪيس جي ايندڙ ٻڌڻي 18 ڊسمبر تي ٿيندي: عدالت

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني عمران خان کي عدالت عدت دوران بشرا بي بي جي نڪاح واري ڪيس ۾ طلب ڪري ورتو سينيئر سول جج قدرت الله عيد دوران نڪاح جي ڪيس ۾ عمران خان کي 18 ڊسمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه جو سي پي اين اي آفيس جو دورو

دوري دوران ڪائونسل جي عهديدارن ۽ ميمبرن سان ملاقات، سي پي اين ايس جي عهديدارن ۽ ميمبرن پاران استقبال

سي پي اين اي سان پراڻو لاڳاپو آهي ۽ عامر محمود يونيورسٽي جي ڏينهن کان سندس دوست ۽ ساٿي رهيو آهي: محمد احمد شاهه

ڪراچي پريس ڪلب جي تاريخ انساني حقن، انصاف ۽ قانون لاءِ جدوجهد ۽ راءِ جي اظهار جي حوالي سان به ڏاڍي شاندار رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات، اقليتي معاملن ۽ سماجي تحفظ واري نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه ڪائونسل آف پاڪستان نيوز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

شڪارپور ۾ 12 ورهين جي ٽينگري کي اغوا ڪري زبردستي شادي ڪرڻ جي ڪوشش ۽ مبينا زيادتي جو بااثر سردار تي ڪيس داخل

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور ۾ 65 سالن جي بااثر سردار پاران 12 ورهين جي ٽينگري کي اغوا ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: سنڌ جي اطلاعات، اقليتي معاملن ۽ سماجي تحفظ وارو نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ جي نگران آبپاشي وزير ايشور لال پاران کاتي جي قبضي وارين زمينن کي خالي ڪرڻ جي هدايت

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي مدد سان آبپاشي کاتي جي انتهائي مهانگي زمين جو ڪرايو 120 کان به وڌيڪ ڀيرا اضافو

کاتي جي بهتري ۽ عوامي مفاد لاءِ سمورا قانوني ۽ دفتري جي ڪارروائي ۾ دير نه ڪئي ويندي: ايشور لال

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي آبپاشي کاتي جي وزير ايشور لعل جي اڳواڻي ۾ سنڌ جي آبپاشي کاتي هڪ ٻيو وڏو ڪارنامو سرانجام ڏيندي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي مدد سان آبپاشي کاتي جي تمام قيمتي زمين جي ڪرائي ۾ 120 ڀيرن کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

شريف الله اليڪشن ڪمشنر سنڌ جي چارج سنڀالي ورتي

شريف الله اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جو گريڊ 21 جو آفيسر آهي: پڌرنامو

شريف الله ان کان اڳ بلوچستان جو صوبائي اليڪشن ڪمشنر مقرر هو

ڪراچي (رپورٽر) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي آفيسر شريف الله اليڪشن ڪمشنر سنڌ جي چارج سنڀالي ورتي، اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پاڪ نيوي جي 3 ڪموڊورز جي ريئر ايڊمرل جي عهدي تي ترقي

ترقي حاصل ڪندڙن ۾ ريئر ايڊمرل مظهر محمود ملڪ، ريئر ايڊمرل شهزاد حامد ۽ ريئر ايڊمرل اظهر محمود شامل

آفيسرن پاڪستان نيوي ۾ ڪمانڊ اينڊ اسٽاف جون ڪيترين ئي اهم ذميواريون سرانجام ڏنيون آهن: ترجمان

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪ بحريه جي 3 ڪموڊورز کي ريئر ايڊمرل جي عهدي تي ترقي ڏني وئي آهي، پاڪ بحريه جي ترجمان موجب ترقيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

بولان وٽ خوفناڪ حادثو، 25 مسافر زخمي

جيڪب آباد کان ڪوئيٽا ويندڙ وين ۽ ڪار ۾ بولان وٽ ٽڪر ٿيو

حادثي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 25 مسافر زخمي ٿيا

بولان (م ڊ) بلوچستان جي علائقي بولان خوفناڪ حادثي جي نتيجي ۾ عورتن ۽ ٻارڙن سميت 25 کان وڌيڪ مسافر زخمي ٿيا آهن. جيڪب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

غزه جي صورتحال جو يوڪرين سان مقابلو نٿو ڪري سگهجي: پيوٽن

غزه جي صورتحال تباهي واري آهي، يوڪرين ۾ اهڙو ڪجهه به ناهي

روسي صدر جي پريس ڪانفرنس دوران روسي صدر خلاف لکتون اسڪرين تي ظاهر ٿيون

ماسڪو (م ڊ) روسي صدر پيوٽن چيو آهي ته غزه جي صورتحال جو يوڪرين سان مقابلو نٿو ڪري سگهجي. ماسڪو ۾ سالياني پريس ڪانفرنس ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز ڪراچي ۾ ٽيلي ميڊيسن ڪلينڪ جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ٻين ضلعن ۾ به ٽيلي ميڊيسن ڪلينڪ قائم ڪيون وينديون: ڊاڪٽر سعد خالد نياز

شعبي جي ترقي لاءِ اسان کي وڌيڪ ڪم ۽ بهتري جي ضرورت آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز چيو آهي ته صحت جي شعبي جي موجوده صورتحال مان ڪير به مطمئن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

INAUGURA
Telem
ith Care, Mental

ڪراچي: سنڌ جو نگران صحت وارو وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

اليڪشن قوم جي امانت آهي، ڪنهن کي دير جي اجازت نه ڏينداسين: پشاور هاءِ ڪورٽ

جڏهن چونڊن جي مند ايندي آهي ته پوءِ ٿري ايم پي اوز جا آرڊر جاري ڪيا ويندا آهن

اليڪشن ڪميشن وٽ اختيار آهي ته جيڪو پڇڪڙي ڪري ان خلاف ڪارروائي ڪري

پشاور (م ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس چيو آهي ته چونڊون قوم جي امانت ۽ انتهائي اهم مسئلو آهي، اسان ڪنهن کي چونڊن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پاڪستان ٽماٽر فصل جي پيداوار ۾ دنيا ۾ 34 هين نمبر تي آهي: آغا فخر

سنڌ ۾ ٽماٽي جي پيداوار جو 34.4 سيڪڙو اڃا به ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي

اڪثر ڪري فصل ۾ ڪيڙو لڳڻ ۽ بيمارين جي سبب سان ٿيندو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين چيو آهي ته پاڪستان دنيا ۾ ٽماٽو پيدا ڪندڙ ملڪن ۾ 34 هين نمبر تي آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

جج ۽ ان جي زال جيئن تشدد ڪيو، انهن کي به ائين ئي ماريو وڃي: رضوانا جو مطالبو

مون کي ڏنڊن ۽ بيٽن سان ماريو ويندو هو، ڇُريون ٽُنبيون وينديون هيون

اسلام آباد پوليس گهريلو تشدد جو شڪار رضوانا جو بيان وٺي ڇڏيو آهي: سارا احمد

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد ۾ جج ۽ سندس گهرواري جي مبينا تشدد جو شڪار 14 ورهين جي رضوانا اڃا تائين مڪمل طور صحتياب ناهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

انڊر 19 ايشيا ڪپ جي سيمي فائنلز ۾ پاڪستان ۽ ڀارت کي عبرتناڪ شڪست

پهرئين سيمي فائنل ۾ يو اي اِي، پاڪستان کي 11 رنسن تان شڪست ڏئي ڇڏي

پاڪستان طرفان ڪپتان سعد بيگ 50 ۽ اذان اويس 41 رنسن سان اڳيرا رهيا

دبئي (م ڊ) انڊر 19 ايشيا ڪپ جي پهرئين سيمي فائنل ۾ يو اي اِي، پاڪستان کي 11 رنسن تان شڪست ڏئي ڇڏي. دبئي ۾ کيڏيل ايونٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پي ٽي آءِ باني جي نااهلي خلاف درخواست تي ڪميشن کي نوٽيس

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ جي باني جي نااهلي خلاف درخواست تي اليڪشن ڪميشن کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن عدالت پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي اليڪشن خلاف درخواست تي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي. جسٽس شاهد بلال حسن جي سربراهي ۾ 5 رڪني لارجر بينچ لاهور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

خيبرپختونخواهه جي ٻن ضلعن ۾ دهشتگردن جا حملا، 4 سيڪيورٽي اهلڪار شهيد، 7 ڄڻا زخمي

ٽانڪ جي پوليس لائنز ۾ دهشتگردن داخل ٿيندي ئي دستي بمن سان حملو ڪيو، جنهن ۾ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر گوهر زمان سميت 2 اهلڪار شهيد ٿي ويا

هڪ حملي آور پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو، آپگهاتي ڌماڪي سبب پوليس لائن جي ڇت تي موجود 2 پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيا

اسلام آباد (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي 2 ضلعن ۾ دهشتگردن جي حملن ۾ 4 سيڪيورٽي اهلڪار شهيد ٿي ويا، 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا. جوابي ڪارروائي ۾ آپگهاتي بمبار مارجي ويو پوليس موجب ٽانڪ جي پوليس لائنز ۾ دهشتگردن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور هاءِ ڪورٽ جو منع نامو، اليڪشن ڪميشن ۽ سياسي جماعتن جو ڌر بڻجڻ جو فيصلو

عام چونڊون وقت تي يقيني بڻائڻ لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو آهي: مريم اورنگزيب

ن ليگ لاهور هاءِ ڪورٽ جي آر اوز بابت فيصلي خلاف لارجر بئنچ ۾ ڌر بڻجندي

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري فوري طور تي پٽيشن فائل ڪري ڌر بڻجڻ جو فيصلو ڪيو آهي: پ پ جي پڌرائي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ۽ مختلف سياسي جماعتن لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف ڌر بڻجڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

adamjeelife

لاهور: صدر ڊاڪٽر عارف علوي ادبي ايوارڊ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سپريم ڪورٽ فيض حميد کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ عرفان رامي کي به نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو آهي. سپريم ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پشاور هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي پي ٽي آءِ جي چونڊ نشان ڪيس ۾ حتمي فيصلو ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

تحريڪ انصاف انٽرا پارٽي ۽ چونڊ نشان ڪيس خلاف پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي هئي

اليڪشن اليڪشن ڪميشن انٽرا پارٽي اليڪشن ۽ چونڊ نشان ڪيس کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو

پشاور (م ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي پي ٽي آءِ جي چونڊ نشان ڪيس ۾ حتمي فيصلو ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. تحريڪ انصاف انٽرا پارٽي ۽ چونڊ نشان ڪيس خلاف پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پيپلزپارٽي چونڊون ملتوي ٿيڻ نه ڏيندي: فيصل ڪريم ڪنڊي

نون ليگ ۽ پي ٽي آءِ اليڪشن ملتوي ڪرائڻ لاءِ هڪ پيج تي آهن

اليڪشن ڪميشن کي 16 ڊسمبر تي اليڪشن جي شيڊول جو اعلان ڪرڻو هو

لاهور هاءِ ڪورٽ ڊي آر اوز ۽ آر اوز لاءِ بيوروڪريسي جي مقرري تي خدشا ظاهر ڪيا آهن

اسلام آباد (م ڊ) پيپلزپارٽي جي اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته پيپلزپارٽي چونڊون ملتوي ٿيڻ ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندي. لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي بعد واضح ٿي ويو ته نون ليگ ۽ پي ٽي آءِ اليڪشن ملتوي ڪرائڻ لاءِ هڪ پيج تي آهن، ٻئي وڏيون جماعتون اليڪشن کان ڀڄي رهيون آهنا اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته اليڪشن ڪميشن کي 16 ڊسمبر تي اليڪشن جي شيڊول جو اعلان ڪرڻو هو هن چيو ته لاهور هاءِ ڪورٽ ڊي آر اوز ۽ آر او ز لاءِ بيوروڪريسي جي مقرري تي خدشا ظاهر ڪيا آهن پ پ اڳواڻ وڌيڪ چيو ته ٻڌايو وڃي ته بيوروڪريٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: پيپلزپارٽي اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

مونس مني لانڊرنگ ڪيس، ايف آءِ اي کان وڌيڪ رڪارڊ طلب

مونس الاهي سميت 11 جوابدارن تي جعلي اڪائونٽس ذريعي مني لانڊرنگ جو الزام آهي: ڊپٽي اٽارني جنرل

لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو تمام تفصيلي آهي، نيب سميت ڪيترائي ادارا انهن اڪائونٽس جي جاچ ڪري چڪا آهن: جسٽس عائشه ملڪ

هڪ ئي ڪيس جي ٻيهر جاچ ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ (جسٽس سردار طارق مسعود) نيب آمدني کان وڌيڪ اثاثن جي جاچ ڪري رهي آهي: ڊپٽي اٽارني جنرل

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي جي پٽ مونس الاهي خلاف مني لانڊرنگ ڪيس ڪالعدم قرار ڏيڻ واري اپيل تي ٻڌڻي ڪندي ايف آءِ اي کان وڌيڪ رڪارڊ طلب ڪري ورتو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

نگران وزير محمد يونس ڍاڳا صنعت کاتي ۾ ”اي سروسز سنڌ“ ايپ جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ڪراچي، نوري آباد، ڪوٽڙي، حيدر آباد، سکر جا سمورا زميني رڪارڊ، نقشا ۽ سموريون ملڪيتون ڊجيٽل ڪيون ويون آهن: يونس ڍاڳا

هاڻي اين او سي، اجازت ۽ منتقلي سميت سموريون خدمتون آن لائن دستياب هونديون، نئين ڊجيٽل سسٽم سان آفيسر ۽ عملو مقرر وقت اندر درخواستن کي نمٽائڻ جا پابند هوندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران صنعت، واپار ۽ روينيو کاتن واري صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا اڄ صنعتڪارن، سفارتڪارن ۽ سرڪاري آفيسرن جي هڪ وڏي تعداد جي موجودگي ۾ سائيٽ لميٽيڊ ۽ سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي بلوچستان جي گورنر محمد ڪرامي سان ملاقات

ملاقات ۾ سنڌ ۽ سيستان وچ ۾ مختلف شعبن ۾ وفدن جي مٽاسٽا ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

ٻن طرفن لاڳاپن ۾ وڌيڪ اضافو گڏيل مفادن ۾ آهي، سيستان جي سيڙپڪارن کي سنڌ ۾ ڀليڪار ڪنداسين: ڪامران ٽيسوري

گورنر محمد ڪرامي گورنر سنڌ جي ٻن طرفن لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪيل ڪوششن ۽ سنڌ صوبي جي عوامي ڀلائي جي قدمن کي ساراهيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي ايران جي صوبي سيستان ۽ بلوچستان جي گورنر محمد ڪرامي سان ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران ٽيسوري ايراني صوبي سيستان ۽ بلوچستان جي گورنر محمد ڪرامي سان ملاقات دوران ويٺل آهي

انٽر بئنڪ: ڊالر 283 رپيا 20 پئسا ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) انٽر بئنڪ ڪاروبار دوران آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ وڌيڪ گهٽتائي ٿي، انٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ايران: ٿاڻي تي هٿياربندن جو حملو، 11 اهلڪار مارجي ويا ڪيترائي زخمي

حملو سيستان بلوچستان صوبي ۾ سرگرم عليحدگي پسند گروپ ڪيو

پوليس جي جوابي ڪارروائي ۾ ڪيترائي ئي حملو ڪندڙ به مارجي ويا

تهران (م ڊ) ايران جي ڏکڻ اولهندي علائقي راسڪ ٽائون ۾ هٿياربندن ٿاڻي تي حملو ڪري ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ 11 اهلڪار مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. ايران جي سرڪاري ميڊيا موجب اهو حملو سيستان بلوچستان صوبي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اوٻاوڙو پوليس جي نااهلي سبب جمعي نماز پڙهندڙن جون 3 موٽرسائيڪلون چوري ٿي ويون

ايس ايس پي جي نوٽيس بعد ايس ايڇ او اوٻاوڙو منصور هٽار بدلي، سنڌس جاءِ تي ايس ايڇ او جبار مهر مقرر ڪري ڇڏيو

اهڙي عمل بعد نماز پڙهندڙ شهرين پاران پوليس خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو، نوٽيس وٺي انصاف ڏيارڻ جي گهر

اهلڪار شهر ۾ گشت بدران پنهنجي روزي ٿي لڳل هوندا آهن، اسان شهرين کي ڪنهن به قسم جو تحفظ ناهي : رهواسي

اوٻاوڙو (رپورٽ غلام علي رند) اوٻاوڙو پوليس جي نااهلي سبب جمعي نماز پڙهندڙن جون ٽي موٽر سائيڪلون چوري ٿي ويون. ايس ايس پي جي نوٽيس بعد ايس ايڇ او اوٻاوڙو منصور هٽار بدلي، سنڌس جاءِ تي ايس ايڇ او جبار مهر مقرر ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

اوٻاوڙو : شهري بدامني وڌڻ تي پوليس خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

گولاڙچي ۾ گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ڪان احتجاجي ريلي

گولاڙچي (رپوٽ) گولاڙچي ۾ گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ڪان وٺي گولاڙچي پريس ڪلب ۽ عوامي پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سوشلسٽ سٽ سميت سيني سياسي سماجي ڪارڪن. ريلي کي گستا تعلقي صدر محمد محسن مخدوم گستا تعلقي جنرل سيڪريٽري بابو مهيشوري. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

جهمپيرواسي هيڊ ڪانسٽيبل سيد نظر محمد شاهه جو ڪوڏس پتو نه پيو

هڪ مهينو گذرڻ باوجود اڃان تائين ڪوڏس پتو پئجي ناهي سگهيو، گهرڀاتي پريشان آهن : ڀاءُ

خدشو آهي ته ڪٿي پوليس سنڌس ڀاءُ کي ڪوڙو مقابلو ڏيکاري مارائي نه ڇڏي، انصاف ڏياريو وڃي

ٺٽو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) گذريل هڪ مهينو اڳ جهمپير واسي هيڊ ڪانسٽيبل سيد نظر محمد شاهه اسٽيل ٽائون ڪراچي جي ڊي ايس پي آفيس مان پراسرار نموني گم ٿي وڃڻ بعد اڃان تائين سنڌس ڪو به ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو، جنهن ڪري سنڌس وارث سخت پريشان. ان سلسلي ۾ پراسرار نموني گم ٿي ويل جهمپير واسي پوليس هيڊ ڪانسٽيبل سيد نظر محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

اسلام ڪوٽ : ٿرڪول ۾ ٽرين سان ناانصافين خلاف رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو نعريبازي

ٿرڪول بلاڪ ٽو ۾ ٽري ملازمن سان انصافين حقن تي ڌاڙا توڙي ليبر پاليسي واضع نه هجڻ خلاف اينگرو پاورجن جي متاثر ملازمن احتجاج ڪيو

عيد جي سڳوري ڏينهن تي مزدورن کي ماني ۽ پاڻي به نه ڏنو ويو مون ڪمپني اڳيان مزدورن سان ٿيندڙ ظلم خلاف آواز اٿاريو : اير بي سومرو

ٿرڪول ۾ ڪمپنين جي ناانصافين خلاف 24 ڊسمبر تي تاريخي احتجاج ڪيو ويندو، سمورين ڌرين کي شرڪت ڪرڻ جي اپيل ڪريون ٿا

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ : ٿرڪول ۾ ٽرين سان ناانصافين خلاف رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو نعريبازي. 24 ڊسمبر تي اسلام ڪوٽ ۾ تاريخي احتجاج جو اعلان، خبرموجب: ٿرڪول بلاڪ ٽو ۾ ٽري ملازمن سان انصافين حقن تي ڌاڙا توڙي ليبر پاليسي واضع نه هجڻ خلاف اينگرو پاورجن جي متاثر ملازم اير بي سومرو ۽ هريش ڀيل ن ليگ ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اسلام ڪوٽ : ٿرڪول ٽو جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

مورو شهر ۾ قائم اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر جو انچارج ڪرپٽ راشي غلام رسول عالماڻي ڪرپشن جا سڀ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا

نوشهرو فيروز (د ر) نوشهرو فيروز مورو شهر ۾ قائم اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر جو انچارج ڪرپٽ راشي غلام رسول عالماڻي ڪرپشن جا سڀ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا پنهنجي ڪاتو ملازمن سان ملي ڀڳت ڪري گذريل وقت کان لکين رپين جي بچيت کي جونو هٿي هضم ڪرڻ جا انڪشاف خبر موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو ۾ سئي گئس صارفين جون دانهون، هٽرادو لوڊشيڊنگ سبب سخت پريشان

شهر جي پراڻي بستي بٺ محلو، لطيف آباد ڪالوني، غريب آباد، مزدور آباد، چاڙو شاهه آباد ۽ ٻين علائقن ۾ سوئي گئس جي ڪوٽ

گئس جي هٽرادو لوڊشيڊنگ ۽ مختلف پاڙن ۾ گئس جو گهٽ، رهواسين مان دانهون نڪري ويون، انتظاميه خاموش

شهرين سان سئي گئس انتظاميه جو ماتيجي ماءُ وارو سلوڪ روا رکيو پيو وڃي : رهواسين جون دانهون

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ سئي گئس صارفين جون دانهون، گئس جي هٽرادو لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر هجڻ جي ڪري دادو جا شهري ڪاٺيون ٻارڻ تي مجبور شهر جي پراڻي بستي بٺ محلو، لطيف آباد ڪالوني، غريب آباد، مزدور آباد چاڙو شاهه آباد، جڳت آباد، ايڪسائيز آفيس پاڙو، ملاح چونڪ، چانڊني چونڪ، ماروي ڪالوني، شهباز ڪالوني سميت شهر ج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

دادو ۾ زرعي پاڻ جي هٽرادو ڪوٽ مهانگائي خلاف جيالا روڊن تي نڪري آيا

بابن خان پنهور، عرفان سولنگي، سرفراز نبي لنڊ، مظهر ڪوريجو، جان محمد پهوڙ، لياقت مجيد پنهور، حافظ يامين پنهور ۽ ٻين احتجاج ڪيو

زرعي پاڻ جا اگهه ٻيڻا ۽ ٽيڻا ٿي ويا آهن ڊي سي دادو ۽ ٻيا ڪامورا زرعي پاڻ وڪرو ڪندڙ منافع خورن خلاف ڪا به ڪاروائي نه پيا ڪن : مظاهرين

زرعي پاڻ جي هٽرادو مهانگائي سبب هاري ۽ آبادگار پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن، پاڻ سرڪاري اگهه تي هارين ۽ آبادگارن کي فراهم ڪرايو وڃي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي سڏ تي دادو ۾ زرعي پاڻ جي هٽرادو ڪوٽ مهانگائي خلاف جيالا روڊن تي نڪري آيا پاڪستان پيپلز پارٽي دادو جي اڳواڻ بابن خان پنهور، عرفان سولنگي، سرفراز نبي لنڊ، مظهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دادو : هٽرادو مهانگائي خلاف جيالا احتجاج ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد ۾ سول سوسائٽي جي اڳواڻن حڪومت کان گهر ڪري ڇڏي

باهو ڪوسو (رپورٽر) بجيٽ ٺاهڻ کان اڳ ۾ عوام کان مشورو ورتو وڃي، عوام جي گهرجن مطابق بجيٽ ناهي ويندي ته ان ۾ شفافيت به هوندي ۽ ان تي آڱريون به نه کڄنديون، بجيٽ جا ڪاغذ ڊي سي آفيس ۾ لڳايا وڃن ته جيئن عوام کي آگاهي ڏئي سگهجي، جيڪب آباد ۾ سول سوسائٽي جي اڳواڻن حڪومت کان گهر ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڀرياسٽي ۾ زرعي پاڻ جي ڊيلر سرفراز آرائين جي مبينا زيادتين خلاف آبادگارن پاران احتجاج

بااثر ڊيلر آبادگارن سان ناانصافي سرڪاري اگهه 3500 واري يوريا پاڻ جي ٻوري 5700 بليڪ تي وڪرو ڪرڻ لڳو

ڊيلر سرفراز آرائين 5700 سئو رپيا في ٻوري بليڪ تي وڪرو ڪري رهيو آهي ڪير پڇڻ وارو ناهي : مظاهرين جون دانهون

يوريا پاڻ بليڪ تي هلائيندڙ بااثر ڊيلر سرفراز آرائين جا لائسنس رد ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڀرياسٽي شهر ۾ يوريا پاڻ جو بااثر ڊيلر سرفراز آرائين آبادگارن سان ناانصافي سرڪاري اگهه 3500 پنجٽيهه سو واري يوريا پاڻ جي ٻوري 5700 ستونجاهه سو بليڪ تي وڪرو ڪرڻ لڳو ان سلسلي ۾ آبادگارن صلاح سومرو يوسف سومرو ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو ته يوريا پاڻ جو بااثر ڊيلر سرفراز آرائين آبادگار سان ظلم ڪري رهيو آهي آبادگارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

جيڪب آباد ايڪشن ڪاميٽي پاران گئس جي هٽرادو لوڊشيڊنگ خلاف احتجاجي مظاهرو

عابد سنڌي، عيد محمد ڏومڪي، زين العابدين ڪٺبار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

شهرواسين سان ظلم آهي ناشتي منجهند جي ماني رات جي ماني جي وقت اڪثر گيس بند رهي ٿو : مظاهرين

وڏن وڏن هوٽلن ۽ فيڪٽرين کي گيس تيزي سان فراهم ڪيو وڃي ٿو، رهواسي پريشان آهن، نوٽيس ورتو وڃي

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد ايڪشن ڪاميٽي پاران گئس جي هٽرادو لوڊشيڊنگ، واڌو بل ۽ گيس پريشر گهٽ خلاف عابد سنڌي، عيد محمد ڏومڪي، زين العابدين ڪٺبار، عبدالنبي لاشاري، رائيس غلام مرتضيٰ ميراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ خصوصن شرڪت ب پ پ سٽي اڳواڻ عبدالله مگسي، ڪٺبار اتحاد جي آصف داڻود /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

جيڪب آباد : سوئي گئس جي لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنجهورو پوليس ڦر ۽ چوري جي وارداتن تي ضابطو آڻي نه سگهي

سنجهورو (رپورٽر) سنجهورو پوليس ڦر ۽ چوري جي وارداتن تي ضابطو آڻي نه سگهي گذريل رات به ٻڪريون چوري ۽ هڪ موٽرسائيڪل ڦر ايس ايڇ او سنجهورو کي وارداتن جي ڪا پرواهه نه آهي، تفصيل موجب سنجهورو ۽ ڀرپاسي وارن علائقن مان ڦر ۽ چوري جي وارداتن ۾ اضافو گذريل رات سنجهورو لڳ ڳوٺ غازي ڪاڇائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

مورو پرسان جهيڙي ۾ مارجي ويل ٽن مقتولن جي هٿيارن ڇانوَ ۾ تدفين

ڳوٺ دنبير ۾ زرداري برادري ۾ زمين جي تڪرار تان ٽي جٺا ۽ سڳا ڀائر غلام نبي، محمد قاسم ۽ ارشاد زرداري مارجي ويا هئا

مقتولن جي الڳ الڳ هنڌ جي جنازي نماز ادا ٿي، هٿيارن جي ڇانوَ ۾ تدفين ڪئي وئي، علائقي ۾ سوڳ ڇانيل

شهر ۾ حراس ۽ خوف، زرداري برادري جا ماڻهون هٿيارن سان ليس نظر اچڻ لڳا، ڌريون مورچا بند ٿيل

منياڻي (رپورٽر) مورو پرسان جهيڙي ۾ مارجي ويل ٽن مقتولن جي هٿيارن ڇانوَ ۾ تدفين، الڳ الڳ ڳوٺن ۾ جنازا پڙهايا ويا، ڳوٺ دنبير ۾ زرداري برادري جي ٻن ڌرين وچهر زمين جي تڪرار تان گذريل ڏينهن تي جٺا ۽ سڳا ڀائر غلام نبي، حاجي محمد قاسم ۽ ارشاد علي عرف بگو زرداري مارجي ويا هئا مقتولن جي الڳ الڳ هنڌ جي جنازي نماز ادا ٿي، هٿيارن جي ڇانوَ ۾ تدفين ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

شهدادپور ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهارين خلاف ڪارروايون تيز

موٽرسائيڪل چوري ڪندڙ گروهه جو هڪ جوابدار سوگهو، 4 موٽرسائيڪلون هٿ

آرمس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي : پوليس

شهدادپور (رپوٽ) ايس ايس پي سانگهڙ ڪيپٽن صدام حسين جي هدايتن تي شهدادپور ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهارين خلاف ڪاروايون تيز. موٽرسائيڪل چوري ڪندڙ گروهه جو هڪ جوابدار سوگهو، 4 موٽرسائيڪلون هٿ، ان سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

اسان جو مقصد ٻارڙن کي بهتر تعليم ڏياري مستقبل سنوارڻ آهي : نظام ڪڏائي

بند ٿيل اسڪولن کي ڪولرائڻ سميت زبون حال بلڊنگس جي مرمت لاءِ به ڪوششون ورتيون پيون وڃن

اسڪول جي بهتري لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن جو به ڪردار بهتر رهيو آهي

ٺٽو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) ڊي اي او ٺٽو نظام الدين ڪڏائي ۽ ڊپٽي ڊي او ممتاز علي ڀجورو پاران گورنمنٽ پرائمري اسڪول هاشم پٽوايت پير محمد بروهي جو دورو ڪري شاگردن کان سوال جواب ڪندي چيو ته هن اسڪولن جي استادن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سکر ۾ پٽ جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف احتجاج

پٽ عرفان کي جوابدار اياز علي ڪهاوڙ، اعجاز، سهيل ۽ ٻين قتل ڪيو : پيرسن عورت

پٽ عرفان بلوچ جي قاتلن کي گرفتار ڪرائي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻي انصاف ڏنو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) پٽ جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف سکر جي واري ٿڙ واري علائقي موسا گهٽي جي رهواسڻ پيرسن عورت مسمات سرتاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو : ايس ايڇ او مڪلي جون ڪارروايون، منشيات فروش گرفتار

پوليس منشيات فروش محمد صالح ملاح کي 575 گرام چرس سميت گرفتار ڪري ورتو

انسپيڪٽر شوڪت علي درس کي دبنگ ڪارروائي تي پوري ٽيم سميت مبارڪ باد پيش

ٺٽو (د ر) ايس ايس پي ٺٽو علي بخش عرف آفتاب نظاماڻي جي هدايتن تي ايس ايڇ او مڪلي سب انسپيڪٽر شوڪت علي درس پنهنجي اسٽاف سان گڏ عيد گاهه لنڪ روڊ تي ڪامياب ڪاروائي ڪري پوري سنڌ جي ڪيٽرن ضلعن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

”مختيارڪار عزيز جوڻيجو هٽايو“ نوشهروفيروز ۾ احتجاج

وحيد لنڊ، بابر لاشاري، مجيد ڳوراهو، عباس پلهه، ممتاز ميمڻ، سهراب مري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

رانديڪن جو مٽيريل، رانديڪن جو پڙ ڪو به بندوبست ٿيل ناهي، نوٽيس ورتو وڃي : مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز مختيارڪار عزيز جوڻيجو هٽايو ڪاتيدار ۽ عملو بچايو جي اپ ڏارينڊڙ نعرن سان ٽپيدارن ۽ آفيس عملي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز : مختيارڪار خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر : مختيارڪار روهڙي پاران يوريا پاڻ جي گودامن تي ڇاپو

ڇاپي دوران ٻن هزارن کان وڌيڪ ٻورين هٿ ڪري گودام سيل ڪيو ويو

منافع خور واپارين جي سرسي ماملو لٽي مٽي ٿي ويو، آبادگارن کي ڦرڻ وارو سلسلو جاري

سکر (بيورو رپورٽ) مختيارڪار روهڙي يوريا پاڻ جي گودامن تي ڇاپو هڻي ٻن هزارن کان وڌيڪ ٻورين هٿ ڪري گودام سيل ڪيو ويو. ڪجهه دير ۾ منافع خور واپارين جي سرسي ماملو لٽي مٽي ٿي ويو، آبادگارن کي ڦرڻ وارو سلسلو جاري. تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

جيڪب آباد ۾ بلوچستان پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج

ناڪا چنگي ٽيڪس جي بهاني تي لکين روپيا ڀتو وصول ڪرڻ لڳا آهن : مظاهرين

غير قانوني ٽيڪس وصول ڪندڙ پوليس چوڪي خلاف ڪارروائي ڪري سزا ڏني وڃي

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد سبزي منڊي جي واپاري اڳواڻ حاجي ديدار علي لاشاري حاجي محمد حسن لاشاري ۽ ٻين اڳواڻ بلوچستان پوليس جي زيادتين خلاف پريس ڪلب جيڪب آباد وٽ احتجاج ڪندي سخت نعريبازي ڪئي اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

جيڪب آباد : شهري بلوچستان پوليس خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

اسان پنهنجي ويلفيئر جو پيغام پوري ملڪ ۾ پهچائڻ چاهيون ٿا : نظام الدين سومرو

شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن 17 ڊسمبر تي سومرا برادري جو هڪ وڏو جلسو سڏائي رهي آهي

اسان جو هي پيغام سڀني سومرا برادري جي لاءِ آهي ۽ انهن کي شرڪت جي به دعوت ڏيون ٿا

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن پاڪستان جي جنرل سيڪريٽري نظام الدين سومرو پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن پاڪستان 17 ڊسمبر 2023 تي سومرا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

منياڻي : ٽرڪ تي ڏڪو ڏيڻ دوران ڌڪ لڳڻ سبب نوجوان فوت

ٽرڪ کي ڏڪو ڏياريندي ڌڪ لڳڻ سبب 25 سالن جو نوجوان الهداد سولنگي فوت ٿي ويو

مڙهه کي اسپتال آندو ويو، قانوني گهرجن بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو

منياڻي (رپورٽر) قومي شاهراهه تي ٽرڪ تي ڏڪو ڏيڻ دوران ڌڪ لڳڻ سبب نوجوان فوت، قومي شاهراهه تي ڳوٺ ٽيال اسٽاپ وٽ، ٽرڪ کي ڏڪو ڏياريندي ڌڪ لڳڻ سبب 25 سالن جو نوجوان الهداد سولنگي فوت ٿي ويو، مڙهه کي اسپتال آندو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر ۾ جت ٻٽ واري علائقي جي رهواسڻ عورت پاران مڙس سميت احتجاج

پيءُ پئسن جي لالچ ۾ اچي مون مٿان ڪوڙو ڪارنهن الزام لڳائي وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي : عورت

منهنجي مڙس مٿان ڪوڙو اغوا جو ڪيس داخل ڪرائي حراسان ڪري رهيو آهي، انصاف ڏياريو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ جت ٻٽ واري علائقي جي رهواسڻ عورت مسمات سائره مڙس خان محمد مريٽو سان گڏجي سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪندي الزام هنيو ته 2 سال اڳ والد لياقت لغاري پئسن عيوض منهنجي شادي خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر : ناري مڙس سميت پيءُ خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

ٺڪراٽو پرسان مختلف ڳوٺن ڏانهن ويندڙ رستي تي ڳوڏي جيترو پاڻي بيٺل

يوسي مبارڪپور جي ڳوٺ ڪامل مهرواسي ڳوناٽان هن جديد دور ۾ به رستي جي سهولت کان محروم بٽيل

ڳوناٽا پاڻ ۾ چندو ڪري پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪرين مشين گهرائي رستو ٺهرائڻ لڳا، اختيارين نوٽيس نه ورتو

اسان جي ڳوٺ کي هر ڀيري نظرانداز ڪيو ويو آهي، ڳوٺن ڏانهن ايندڙ رستي جي سهولت ڏني وڃي : رهواسي

ٺڪراٽو (ن سنڌيار) ٺڪراٽو پرسان ڳوٺ ڪامل مهر ۽ ٻين ڳوٺن ڏانهن ويندڙ رستي تي ڪيٽري ئي عرصي کان ڳوڏي جيترو پاڻي بيٺل ڳوناٽان پاڻ چندو ڪري رستو ٺهرائڻ لڳا. نگران سرڪار کان نوٽيس جو مطالبو خبرموجب يوسي مبارڪپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺڪراٽو : ڳوناٽا رستي تي پاڻي بيهڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

شهدادپور سمس اسپتال ۾ الشفا ٽرسٽ سکر پاران مفت اکين جي علاج ۽ آپريشن جي ڪيمپ قائم

شهدادپور (رپورٽ) شهدادپور سمس اسپتال ۾ الشفا ٽرسٽ سکر پاران مفت اکين جي علاج ۽ آپريشن جي ڪيمپ، سمس انتظاميه جي سهڪار سان 300 سئو کان وڌيڪ موتئي جا آپريشن ڪري انهن کي مفت لينس لڳايا ويا. شهدادپور سمس اسپتال ۾ الشفا ٽرسٽ سکر پاران مفت اکين جي علاج ۽ آپريشن جي ڪيمپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ميرپور ساڪرو ۾ پيار پرڻو ڪندڙ جوڙي پاران تحفظ لاءِ احتجاج

پيار پرڻي بعد مائٽ مسلسل جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن : جوڙو

نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ميرپورساڪرو (رپورٽر) تعلقي جاتي ضلعي سجاول ديه ڪڏو ڳوٺ محمد ملاح جي پريمي جوڙي اشرف ملاح ۽ ثمينه ملاح پريس ڪلب غلام الله ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان 28 نومبر 2023 تي ٺٽي جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪيو آهي ۽ شريعت محمدي مطابق نڪاح ڪيو آهي جنهن کان لطيف ملاح قاسم پٽيل حاجي عمر ملاح حاجي ابراهيم جمعو ملاح عالم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر : پ پ ليڊيز ونگ اڳواڻ عورتن جي اڳوڻي وفاقي وزير خورشيد احمد شاهه سان ملاقات

ليڊيز ونگ اڳواڻ عورتن نثار صديقي ٽائون ڪميٽي ميمبر ڊاڪٽر نورجهان پناڻ جي قيادت ۾ ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ 27 ڊسمبر تي ٿيندڙ محترمه بينظير ڀٽو شهيد جي ورسي جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

سمورن ٽڪن تان پ پ اميدوارن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ پارٽي پاليسين مطابق حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ پڻ ٻڌايو ويو

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) پ پ پ ليڊيز ونگ اڳواڻ عورتن جي اڳوڻي وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه سان ملاقات 27 ڊسمبر محترمه بينظير ڀٽو شهيد جي ورسي سميت سياسي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون. تفصيل موجب، پاڪستان پيپلزپارٽي سکر جي ليڊيز ونگ اڳواڻ عورتن نثار صديقي ٽائون ڪميٽي ميمبر ڊاڪٽر نورجهان پناڻ جي قيادت ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر : ملاقات دوران اڳواڻن جو ورتل فوٽو

لاکڙا ۾ اڇاٽل جوابدار گوار جي گڏ ٿيل فصل کي باهه ڏئي ڇڏي، ڪيس داخل

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان لاکڙا ۾ اڇاٽل جوابدار گوار جي گڏ ٿيل فصل کي باهه ڏئي سازڙي فرار رپورٽ داخل. تفصيل موجب مانجهند تعلقي جي بهرام ڪرٽلا ڪمپني جي پرسان اڇاٽل جوابدارن الف الدين ڪوسو جي تيار ٿيل گوار جي فصل جي ڍيري کي باهه ڏئي سازڙي فرار ٿي ويا متاثر ڪول مائينز ٽالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

اي پي آءِ سنڌ قومي فرض ادا ڪري رهي آهي : ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر

توسيع پروگرام فار اميونائيزيشن (اي پي آءِ) ضلعي انتظاميه ٿرپارڪر پاران هر ممڪن سهڪار ڪيو ويندو

ليڊي هيلٿ ورڪرز، نرسنگ اسڪول جي شاگردن کي به سوشل موبلائيزيشن ڪئي وڃي

اسپتالن ۾ ويڪسينيٽرن کان علاوه ٻين اسٽاف نرسن، مڊ وائفز، ايل ايڇ ويز کي به ويڪسينيٽر طور تربيت ڏني وڃي

مٺي (د ر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي چيو آهي ته توسيع پروگرام فار اميونائيزيشن (اي پي آءِ) ضلعي انتظاميه ٿرپارڪر پاران هر ممڪن سهڪار ڪيو ويندو، اي پي آءِ سنڌ قومي فرض ادا ڪري رهي آهي جو نه ڪنهن به انسان جي جان بچائڻ انسانيت جي وڏي خدمت آهي، اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ اي پي آءِ سنڌ جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

پڊعيدن ۾ پينگوبهڻ واسي ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ڳوٺاڻن عورتن ۽ ٻارڙن کي ساڻ ڪري بااثرن جي مبينا ناجائزين ۽ موتمار ڌمڪين خلاف احتجاج ڪيو

بااثر ۽ ڏوهاري اسان کي چوري واپس نه پيا ڪن ۽ ابتو موتمار ۽ ٻارڙن کي اغوا ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏين پيا : مظاهرين

بااثرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان غريبن سان انصاف ڪيو وڃي ۽ ٿيل چوري واپس ڪرائي وڃي

پڊعيدن (رپورٽر) پڊعيدن ۾ پينگوبهڻ واسي ڳوٺاڻن عورتن ۽ ٻارڙن کي ساڻ ڪري بااثرن جي مبينا ناجائزين ۽ موتمار ڌمڪين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي ڳوٺاڻن لکمير ڪنڊ، شهباز، وقار، ماجد، لال بخش، مدد علي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

پڊعيدن : ڳوٺاڻا بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

غير ملڪي ايجنڊا کي هميشه ڪامياب ٿيڻ نه ڏبو : مولانا عبدالغفور حيدري

باهو ڪوسو (رپورٽر) غير ملڪي ايجنڊا کي هميشه ڪامياب ٿيڻ نه ڏبو پاڪ افغان برف پگهرڻ واري آهي جي يو آءِ ڪانسواءِ ڪاب حڪومت نه ٺهي سگهي، زمينن جي نيلامي رد ڪريون ٿا جي يو آءِ سنڌ ۾ تمام ٽڪن تي اميدوار بيهارڻ جو فيصلو ڪيو ڪيو آهي، اهڙن خيالن جو اظهار جي يو آءِ جي مرڪزي سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سوڀوديرو ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ يوريا پاڻ ۽ ڊي اي پي پاڻ اڻلڀ ٿي ويا

جي في ٻوري 57 سئو کان 6 هزار ۽ ڊي اي پي پاڻ جي في ٻوري 14 هزار کان پندرهن هزار روپين تائين بليڪ تي وڪرو ٿيڻ لڳي

مقامي زميندارن ۽ آبادگارن پاران سوين ايڪڙن تي پوکيل مختلف فصل ڪڻڪ ڪمند جوئر ڪيلا سبزيون ۽ ٻيا فصل سڙڻ ۽ سڪڻ لڳا

واپارين توڙي دڪاندارن پاڻ جي هٽرادو ڪوٽ ڏيکاري انتظاميا جي ملي ڀڳت سان يوريا ۽ ڊي اي پي پاڻ جا اگهه ٻيڻا ڪري ڇڏيا آهن : متاثر

سوڀوديرو (رپورٽر) سوڀوديرو ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ يوريا پاڻ ۽ ڊي اي پي پاڻ اڻلڀ ٿي ويا انهن ڪلرن جون ايجنسيون شهر جي حاجي صاحبن ۽ پنجئي وقت نمازين شيخ صاحبن جون آهن انهن جي مرضي آهي جڏهن چاهين تڏهن گهرائي آبادگارن کي مڏي ڪاٺيءَ سان کهن هاٿي ڪلر اي سي سوڀوديرو نذير جتوئيءَ جي معرفت سرڪار پاران گهرائي ان کي هڪ سو کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دنيا ۾ گناهن جي ڪمن جو آخرت ۾ دردناڪ عذاب آهي : قاري محمد جمن عطاري

زناخوري، شراب نوشي ۽ جوا سميت مختلف غير شرعي ۽ سماجي براين جو انجام نقصان ئي نقصان آهي

قبر ۽ قيامت جي هولناڪ منظرن ۽ عذابن کان بچڻ لاءِ اسان کي اصل مقصد ڏانهن وٺو پوندو

پنهنجي زندگيءَ کي الله ۽ الله جي رسول جي فرمانن موجب گذارڻ لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول کي اپنائڻ گهرجي

سڪرنڊ (رپورٽر) مدرسة المدينه پريل شاهه جي ناظر اعليٰ قاري محمد جمن عطاري چيو آهي ته دنيا ۾ گناهن جي ڪمن جو آخرت ۾ دردناڪ عذاب آهي جيڪو انسان جي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر آهي جنهن کان بچڻ گهرجي هو دعوت اسلامي جي مدني مرڪز فيضان مدينه سڪرنڊ ۾ ٿيندڙ هفتيوار اجتماع ۾ بيان ڪري رهيو هو هن چيو ته دنيا ۾ ڪنهن جو حق کائڻ . رشوت وٺڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سڪرنڊ : عالم سڳورو گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي

فرٽيلائزر ڪمپنين جي ضلعي آفيسرن کي گرفتار ڪري اسان آبادڪار گڏ آهيون : اشفاق احمد ٽگڙ

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) چيمبر آف ڪامرس جي ضلعي صدر اشفاق احمد ٽگڙ جي هنگامي پريس ڪانفرنس ميڊيا سان ڳالهائيندي چيمبر آف ڪامرس جي ضلعي صدر اشفاق احمد ٽگڙ چيو ته جيئن ئي ڪڻڪ جي فصل کي ڪلر جي ضرورت جو ٽائيم آيو ته ڊيلرن ڪلر لڪائي هٽرادو قيمتون يوريا ڪلر 6000 کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهروفيروز ۾ آل ايريگيشن ٽريڊ يونين فيڊريشن سنڌ ۽ اسڪارپ ايمپلائيز پاران تقريب

چيف انجنيئر تيرٿ داس جي مان ۾ هڪ پروقار الوداعي تقريب ڪوٺائي وئي، اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

اسان سدائين مزدورن جي حقن خاطر جدوجهد ڪئي آهي هر ڏک سک ۾ مزدورن سان گڏ رهيا آهيون : اڳواڻ

تيرٿ داس جي پنهنجي ڪاوشن سان اسان جي آفيسن ۽ مزدورن جي ڀلي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي

نوشهروفيروز (رپورٽر) نوشهروفيروز ۾ آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونين فيڊريشن سنڌ ۽ اسڪارپ ايمپلائيز يونين نوشهروفيروز پاران چيف انجنيئر تيرٿ داس جي مان ۾ هڪ پروقار الوداعي تقريب ڪوٺائي وئي. ان موقعي تي هن تقريب ۾ موجود تمام مزدورن سان مخاطب ٿيندي صوبائي جنرل سيڪريٽري اقبال احمد لاڙڪ چيو ته اسان سدائين مزدورن جي حقن خاطر جدوجهد ڪئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چنڊريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

ڇنڇر 16 ڊسمبر 2023ع

سنڌ جي عوام تي مڙهيل اعصابي ۽ نفسياتي جنگ

هونئن ته سنڌ ۾ امن امان جون حالتون آئيڊيل ته پري جي ڳالهه، اهڙيون به نه رهيون آهن. جن کي اطمينان جوڳو چئي سگهجي پر نگران حڪومت جي موجوده دور ۾ اهي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ خراب ٿينديون وڃن ۽ جيئن جيئن عام چونڊن جي اعلانيل تاريخ ويجهي ايندي وڃي ته نه صرف اغوا جا واقعا تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن پر قبيلائي دهشتگردي ۽ رتوڇاڻ جي واقعن ۾ پڻ واڌ ٿيندي وڃي. شايد ئي ڪو اهڙو ڏينهن هجي. جنهن ڏينهن اهڙا واقعا سنڌ ۾ رپورٽ نه ٿيندا هجن. جنهن مان نگران حڪومت جي امن امان سميت انتظامي معاملن تي گرفت ڍري هجڻ جو آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڪالهه موري لڳ رتوڇاڻ جي ٿيل واقعي ۾ آصف زرداريءَ جي ذاتي گارڊ سميت ٽي ڄڻا قتل ٿي ويا آهن. زرداري برادريءَ جي ٻن ڌرين جي وچ ۾ ٿيل ان رتوڇاڻ جو ڪارڻ زمين جو تڪرار ٻڌايو وڃي ٿو. ان کان هڪ ڏينهن اڳ اوٻاوڙي ويجهو سنڌ ـ پنجاب ڌنگ وٽان ڌاڙيلن بجليءَ جا ٿنڀا هٽندڙ ٻن پورهيتن کي ڀُنگ خاطر اغوا ڪري ورتو ۽ انهن کي زنجيرن ۾ جڪڙي تشدد ڪري ان جو اهي وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل ڪيون ويون. اهي پورهيت ڪرمپور جي علائقي ۾ مزدوريءَ تي بجليءَ جا ٿنڀا هٽڻ ويا هئا. جن جو تعلق ڪوٽ سبزل ۽ سنجرپور سان آهي.

عام چونڊون ٻن مهينن کان به گهٽ وقت جي مفاصلي تي آهن ۽ نگران حڪمرانن جي ذميواري پُرامن ماحول ۾ شفاف اليڪشن ڪرائڻ آهي ۽ سنڌ ۾ امن امان جون ڏينهون ڏينهن ابتريءَ ڏانهن وڌندڙ حالتون ان ڳالهه جي چٽائي سان سمجهاڻي ڏيئي رهيون آهن ته اهڙي ماحول ۾ پُرامن ۽ شفاف چونڊون ممڪن بڻجي نه سگهنديون. نگران حڪمرانن جو ڌيان امن امان جي صورتحال جي بهتري ڏانهن هجڻ گهرجي ها پر اهو پاسو شايد انهن جي اوليت تي نه رهيو آهي. سنڌ جو نگران گهرو وزير هڪ رٽائرڊ برگيڊيئر آهي ۽ ڪيس گهرو معاملن جو قلمدان ملڻ کانپوءِ اها اميد ڪٿي پئي وئي ته امن امان جي حالتن ۾ بهتري ايندي پر عوام جون اهي اميدون اڌوريون رهجي ويون. نگران حڪومت ايندي ئي ڌاڙيلن خلاف آپريشن جو اعلان ڪيو هو پر ان اعلان جي عملي تڪميل نه ٿي سگهي. ڌاڙيلن جون ڪارروايون ڏينهون ڏينهن وڌنديون پيون وڃن. ڌاڙيل هميشه سرندي وارن کي اغوا ڪندا آهن. جتان انهن کي ڀُنگ ملي سگهي پر هاڻي ته اهي ٻنا ڪنهن فرق جي پورهيتن کي به اغوا ڪرڻ لڳا آهن. جنهن جو سمجهه ۾ ايندڙ سبب اهو آهي ته هٽ وٺي خوف ۽ ڌهڪاءُ پيدا ڪيو پيو وڃي. ماڻهن تي اعصابي ۽ نفسياتي جنگ مڙهي وئي آهي. جنهن ۾ نگرانن جي دور ۾ وڌيڪ شدت نظر پئي اچي. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته سنڌ ۾ ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ ڪجهه سردار ۽ پوتار آهن ۽ پوليس انهن جي سهولتڪار بڻيل آهي. چوته اڪثر پوليس عملدار به انهن پوتارن جا رکرايل هوندا آهن. جن پوتارن جي پهچ ۽ رسائي اختيار ۽ اقتدار جي ايوانن تائين هوندي آهي. جيستائين ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ انهن سردارن ۾ هٿ نٿو وڌو وڃي. انهن کي قانون جي گرفت ۾ نٿو آندو وڃي. تيستائين ڏوهن ۾ گهٽتائي اچڻ جو امڪان نظر نٿو اچي. ڌاڙيل فوجي گريڊ جا خطرناڪ هٿيار رکن ٿا. جن بابت پڻ اهو سوچڻ جي ضرورت آهي ته اهي خطرناڪ ۽ جديد هٿيار انهن وٽ ڪيئن ٿا پهچن؟ جيستائين ڌاڙيلن خلاف سخت آپريشن نه ڪيو ويندو. تيستائين ڀُنگ خاطر اغوا جا واقعا گهٽجي نه سگهندا.

اسان سنڌ جي نگران منتظمين کي اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته ڌاڙيلن خلاف ڀرپور ۽ سخت آپريشن وارو واعدو پورو ڪيو وڃي ۽ گڏوگڏ ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ پڪي جي ڌاڙيلن (سردارن) ۾ پڻ هٿ وڌو وڃي. سنڌ ۾ خطرناڪ هٿيارن جي رسائي ۽ وڪري کي روڪڻ لاءِ سخت قدم کنيا وڃن. هُشي ۽ هٿيارن جي زور تي برادري تڪرارن جي ڀڙڪايل باهه کي ختم ڪرڻ لاءِ پڻ جهيڙيندڙ ڌرين جي سردارن خلاف قدم کنيا وڃن ۽ ڪين انهن جهيڙن جي ٻرنديءَ تي تيل وارو ڪم ڪندڙ ڏوهارين کي قانون جي حوالي ڪرڻ لاءِ پابند بڻايو وڃي. تڏهن ئي سنڌ ۾ بدامني جي ڀڙڪايل باهه وسامي سگهي ٿي.

ٻار جي سنوار ۾ اسڪول، اُستاد ۽ والدين جو ڪردار

سڪندر گلاب سومرو

اڄڪلهه جو شاگرد پنهنجي تعليمي حاصلات جي لاءِ ڪيترو پريشان آهي. ان جو اندازو نه اسڪول انتظاميا کي آهي، نه پيءُ ۽ ماءُ کي. وري جيڪڏهن پيءُ ۽ ماءُ ٻئي پڙهيل لکيل آهن ۽ اهي به پنهنجي ٻار جي تعليمي الجهن کان غير واقف آهن. ته مسئلو اڃان به وڌيڪ ڳنڀير ٿي وڃي ٿو. ٻار جي پريشانين کان ڪيترائي استاد به بيخبر هوندا آهن يا وري استادن کي هن قسم جون ڳالهيون پسند ئي ناهن ته هنن جو به ٻار جي سنوار. تربيت يا ناهه نوهه (گرومنگ) سان ڪو واسطو وغيره آهي. سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن جو خيال رکڻ يا هن قسم جي تربيتن جو شايد تصور ڪٿي نه به هجي پر خانگي اسڪولن جو حال به هن حوالي سان برو هجي ته پوءِ ميار ڪنهن کي ڏجي؟ انهن مالڪن کي ميار ڏجي جن اسڪول ته کوڙ قائم ڪري ورتا آهن پر ٻار جي سنوار طرف ذري برابر جو به ڌيان ڪونهي ڪو. انهن ادارن کي ميار ڏجي جيڪي اسڪول ته ڏاڍا ڏڍ قانوني (رجسٽرڊ) ڪري رهيا آهن پر اهو نٿا ڏسن ته هڪ اسڪول کي کولڻ جي لاءِ ڪهڙين گهرجن. شين ۽ ڳالهين جي ضرورت آهي؟ يا وري والدين کي ميارون ڏجن. جيڪي هِي ڄاڻڻ کان بغير پنهنجن ٻارن جي اهڙن اسڪولن ۾ داخلائون ڪرائي رهيا آهن. جيڪي حقيقت ۾ نه قديم ۽ نه وري جديد معيارن تي پورا لهي رهيا آهن. تجربي ۾ ڪجهه هن قسم جون ڳالهيون سامهون آيون آهن ته اسان سڀني کي پنهنجي پنهنجي ذميواري ۽ جوابداريءَ جو ذري برابر به احساس ڪونهي ڪو. يا وري اسان انهيءَ ڪري به پنهنجين ذميوارين کي نڀائڻ ۾ ڪوتاهيون ڪريون ٿا. ڇاڪاڻ جو حڪومتون هجن يا ادارا. اسان کان ڪنهن به قسم جو پڇاڻو وغيره ڪونه ٿا ڪن. ائين مُني صدي گذري وئي آهي ۽ جيڪو اسان جي ملڪ جو حال ۽ ادارن جو حشر نشر ٿي ويو آهي يا ڄاڻائيءَ يا اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪيو ويو آهي اهو حال اسان سڀني جي سامهون آهي. ملڪ مان هنري / پيشوارٽي لڏپلاڻ (برين ڊرين) ٿي رهي آهي ۽ ڏاڍا ڏڍ ٿي رهي آهي پر ملڪ جو وزيراعظم ٿو چوي ته. "ٻاهرين ملڪن ڏانهن ماڻهن جو وڃڻ بهتر روزگار جي لاءِ آهي ۽ اهو عمل فطرتي آهي. چوته ماڻهو پنهنجي بهتر مستقبل جي لاءِ لڏپلاڻ ڪندا رهندا آهن." يعني ملڪ جو چيف ايگزيڪيٽو هي اقرار ٿو ڪري ته پاڪستان جو ماحول پيشيور ۽ هنري ماڻهن جي لاءِ سازگار ناهي رهيو هن قسم جون حالتون جيڪي اعليٰ درجي جي پڙهيل لکيل ماڻهن کي هتان تڙڻ ۾ مدد ڪري رهيون آهن. جڏهن انهن حالتن جي اعليٰ سطح تي به پرواهه نه ڪئي وڃي ته سوچيو ته ان ٻار جو ڇا حال هوندو. جيڪو بظاهر ته هڪ سُني تعليمي اداري ۾ تعليم پرائي رهيو هوندو آهي پر هن کي اسڪول جي ماحول کان وٺي انتظاميا. اُستادن ۽ والدين جي روين جي ڪري ڪيتري قدر پريشان ڪيو هوندو آهي. ان جو اندازو ان ٻار کي ته هوندو آهي پر اسان جيڪي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان سندس جي سنوار. تربيت يا ناهه نوهه جا ذميوار هوندا آهيون. پنهنجين انهن سڀني ذميوارين کي نڀائڻ کان نابري وارو بڻيا هوندا آهيون. هونئن ته پوري دنيا سان گڏ پاڪستان به ٻارن جي حقن جو داعي آهي پر پاڪستان ۾ ٻارن جي حقن جو به هي حال آهي ته لڳ ڀڳ 22.8 ملين ٻار اسڪول کان ٻاهر آهن. 3.3 ملين ٻار محنت مزدوري ڪري پنهنجن پنهنجن گهرن جي خرچن جو بار ڪنيو بيٺا آهن. روزانو سوين ٻار اغوا ٿي رهيا آهن. سوين ٻارن سان جنسي زيادتيون ٿي رهيون آهن. ننڍي عمر ۾ نياڻيون سگ چٽي ۽ جرڳائي جهان جي نظر ٿي رهيون آهن.

اسان جڏهن اسڪولي ٻارن جي سنوار جون ڳالهيون ڪريون ٿا ته اسان جي ذهن ۾ اهڙا ڪيترائي سوال ڪر کڻن ٿا. جن کي پنهنجا پنهنجا جواب گهرجن ٿا. جهڙوڪ ٻارن جا امتحان ته ورتا وڃن ٿا پر هنن کي نتيجن کان بيخبر رکيو وڃي ٿو اسڪولي انتظاميا جون بيجا سختيون به ٻارن جي لاءِ اڄڪلهه هڪ وڏو مسئلو بڻيل آهن. مثال طور فيس دير سان ڏيڻ تي. روز دير سان اسڪول اچڻ تي. موڪلون ڪرڻ يا گُسائڻ تي ۽ امتحانن يا ٽيسٽن ۾ ناپاس ٿيڻ تي. وار وڏا رکڻ. مناسب يونيفارمز جو نه هجڻ تي ٻارن کي مارڪٽ ڪرڻ ۽ نامناسب لفظن جي استعمال سان ٻارن جي عزتِ نفس (سيلف اسٽيم) کي مجروح ڪرڻ به اڄڪلهه اسڪولن ۾ معمول بڻيل آهي. ڪلاس رومز ۽ تدريسي عملي جو گهربل معيارن تي پورو نه لهڻ. نصابي سرگرميون ته خوب ٿي رهيون هونديون آهن پر غير نصابي سرگرميون يا ته بلڪل ناهن ٿينديون يا جيڪڏهن ٿين ٿيون ته صرف نالي ماتر. ڪڏهن ڪڏهن ٻارن سان سندن مسئلن تي به ڳالهه ٻولهه ٿيندي آهي ته چوندا آهن ته سائين توهان صحيح ٿا چئو ته اسان پنهنجي پڙهائي ۾ پٺتي آهيون پر اسان کان ب ڪير پڇي اسان پٺتي ڇو آهيون؟ مهينن جا مهينا ته ڪجهه سبجيڪٽس جا استاد ناهن ڏنا ويندا. اسان کان پريڪٽيڪل ڪاپيون. جيوميٽري باڪسز يا پڙهائي سان لاڳاپيل ٻيو سامان ته خريد ڪرايو ويندو آهي پر انهن جو پنج سيڪڙو به ڪم ناهي ڪرايو ويندو پنج ڪلاڪ اسڪول ۾. ٻه ڪلاڪ مسجد ۾ ۽ ٻه ڪلاڪ ٽيوشن سينٽرن تي. وري جڏهن گهر واپس ويندا آهيون ته والد صاحب يا والده دڙڪا دهمان ڪري پڙهائڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. اسان به انسان آهيون. اسان هر وقت جي پڙهائي مان ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو بيزار ٿي ويندا آهيون. هتي هي لکڻ به ضروري ٿو سمجهان ته وڏن درجن ۾ اهڙا ڪيترائي ٻار آهن جيڪي ٻڌائيندا آهن ته اهي پنهنجي اسڪول جي ماحول کان. استادن جي بيجا تنقيد ۽ نامناسب ٻولي جي استعمال کان ۽ والدين جي روين کان باغي بڻجي ويا آهن. اڄڪلهه سوشل ميڊيا جو دور آهي. انتظاميا هجي يا استاد يا والدين ٻار هنن کان وڌيڪ ڄاڻ رکن ٿا. ايتري قدر جو ائين ڪلاس جي ٻارن کي انگريزي ڪتابن جي يونٽن جون مشقون ڪرائيندي جڏهن پڇا ڪئي ته توهان هي سڀ مشقون اڳ ۾ ڪيئن ٿا ڪري اچو ته جواب ڏنائون سائين يوٽيوبر جو ويٺا آهن. اسان نه صرف انگريزي جون مشقون ڪرڻ سکندا آهيون پر رياضي جو ڪم به اسان يوٽيوبرز جي مدد سان ڪندا رهندا آهيون. اهي اسڪول. استاد ۽ والدين جيڪي ٻار جي ضروري گهرجن. خاص طور تي هنن جي عزتِ نفس جو خيال رکندا آهن. هنن جي مسئلن تي ڌيان ڏئي انهن کي حل ڪندا آهن ته ٻارن جي ڪارڪردگي ۾ نمايان فرق ايندو آهي. تعليم سان لاڳاپيل سوين قصن مان هڪ قصي جو ذڪر توهان سان ڪريون ٿا ته هڪ ٻار جي سنوار ۾ اسڪول. استاد ۽ والدين جو ڪردار ڪيتري قدر اهميت وارو آهي ۽ هڪ ٻار جي عزتِ نفس ڇا ٿيندي آهي: "هڪ ماءُ جڏهن هي محسوس ڪيو ته سندس جي وڏي پٽ جي تعليمي ڪارڪردگي مٿي وڃڻ جي بدلي هيٺ وڃي رهي آهي. اسڪول مان معلوم ڪرڻ تي ماءُ کي ڪا خاص تسلي ڪانه ٿي. آخرڪري جي خاندان هڪ نفسياتي ماهر جون خدمتون حاصل ڪريون. ڪافي پيرا ملاقاتون ڪرڻ ۽ ٻار جون نفسياتي ٽيسٽون وٺڻ بعد پيءُ ماءُ کان نويڪلائي ۾ جڏهن هي سوال ڪيو ويو ته توهان کي ڪو تازو ٻار به پيدا ٿيو آهي ڇا؟ جڏهن جواب هاڪاري آيو ته نفسياتي ماهر هنن کي چيو ته توهان جي وڏي پٽ جي تعليمي ڪارڪردگي ۾ فرق انهيءَ ڪري آيو آهي جو توهان جو ڌيان وڏي کان هٽي ننڍي طرف هليو ويو آهي. توهان پنهنجي شفقت کي ٻنهي پٽن لاءِ برابر جي بنياد تي تقسيم ڪريو ۽ ٻنهي جو هڪ جيترو خيال رکو. ڇاڪاڻ جو توهان جو وڏو پٽ توهان جي پيار کان پاڻ کي محروم پيو محسوس ڪري. خاندان جڏهن نفسياتي ماهر جي صلاح کي سمجهيو ۽ عمل ڪيو ته ساڳئي ٻار جي ڪارڪردگي ٻيهر نمايان ٿيڻ لڳي ۽ ٻار پنهنجي پڙهائي تي ڌيان ڏيڻ لڳو" هن يا اهڙن ڪوڙ سارن قصن مان ثابت ٿو ٿئي ته جڏهن ٻارن جي ضرورتن ۽ سندن عزتِ نفس جو خيال رکيو ٿو وڃي ۽ اسڪول. استاد ۽ والدين ٻاران ڪنهن به قسم جي متيپد نٿي رکي وڃي ته ٻار سنورجي ۽ نکري پون ٿا ۽ زندگي ۾ اهو ڪجهه ڪري وڃن ٿا جنهن جو اسان تصور به نٿا ڪري سگهون. لازمي آهي ته اسان پنهنجي روين کي به سدائين هاڪاري رکون.

ڪُهي سو ڪَرَ لَهَي، ڪوئي سو قَريبُ؛
اِها عادتَ سِڪيو، هَر زَمان حبيبُ؛
تِجي سو طبيبُ، سوئي راحتَ رُوحَ جِي.

شهيد ڀٽو ٻيهر عدالتي ڪٽهڙي ۾!

اشفاق لغاري

ڀٽو ڪيس. صدارتي ريفرنس جي صورت ۾ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي لارجر بينچ ٻڌي رهي آهي. صدر زرداري پاران سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ ڀٽو ڪيس متعلق موڪليل عوامي مفادن وارو هي ريفرنس تقريبن 12 سالن کانپوءِ سپريم ڪورٽ طرفان ٻڌو پيو وڃي. ٻڌڻي ۾ دير ٿيڻ تي چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ پاران معذرت ڪئي وئي آهي. جالنڌري جنتا (ضياءُ ۽ مولوي مشتاق ٻئي جالنڌر جا هئا) هٿان ڦاهي چڙهيل ڀٽو جسماني طور ته ورثو ناهي پر عدالتي رڪارڊ سان ضرور هو بري ٿي سگهي ٿو. هن جي قتل ڪيس جي منصفاڻي فيصلي سان عوام جو انصاف جي ادارن ۾ ڪجهه يقين بهتر ٿي سگهي ٿو. ملڪي عدالتي رڪارڊ موجب هن وقت تائين ڀٽو شهيد هڪ مجرم آهي. ڀٽو شهيد کي بري ڪرائڻ لاءِ صدر زرداري سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کي 2011ع ۾ نظرثاني ريفرنس موڪليو هو. بلاول ڀٽو پنهنجي ناني جي هن ڪيس ۾ ڌر بڻجڻ لاءِ. عدشهيد ڀٽو ٻيهر عدالتي ڪٽهڙي ۾ اِالت سڳوري ۾ درخواست جمع ڪرائي ڇڏي آهي. ڀٽو ڪيس جي ڪارروائي ضياءَ جي ظالم دور ۾ کليل عدالت بدران عدالت جي بند ڪمري ۾ هلائي وئي هئي. جنهن کي ڀٽو "ڊارڪ ڪورٽ روم" چوندو هو. هاڻي انهيءَ ڪيس جي عدالتي ڪارروائي نه صرف کلي عدالت ۾ هلي رهي آهي پر اها براهِ راست نشر به ٿي رهي آهي. ڀٽو پنهنجي علامتن سان سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي عمارت اندر به زنده آهي. ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائيندڙ قصوري ڇرين وانگر عدالتي ڪارروائي دوران اٿي ۽ ويهي ٿو پنهنجي منهن ڳالهائي ٿو. هن کي اڪيلي هجڻ جو احساس اندر ئي اندر کائي رهيو آهي. جو اڄ ضياءُ زنده ناهي. بلاول ڀٽو پنهنجي ناني جي ڦاهي کي ياد ڪندي اهو دهرائيندو رهيو آهي ته ڀٽو جي قتل وارو هنڌ (ڪرائيم سين) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان آهي. انهيءَ ڪرائيم سين جي تاريخ تبديل ٿيڻي آهي يا ان جا نشان نوان ۽ اڃان گهرا ٿيڻا آهن. اهو سپريم ڪورٽ جي لارجر بينچ جي فيصلي تي ئي انحصار ڪري ٿو.

ڀٽو ڪيس ڇا آهي. انهيءَ جون شاهديون ۽ حقيقتون ڇا آهن. جيڪڏهن سپريم ڪورٽ جي 9 رڪني لارجر بينچ ۾ شامل جج جناب منصور علي شاهه جي ڪيس جي ٻڌڻ ۽ ان ٻڌڻ بابت اٿاريل قانوني سوالن جا جواب اچن ٿا ۽ ريفرنس ٻڌڻ جوڳو قرار ڏئي ڪيس ٻيهر کوليو ٿو وڃي ته ملڪ اندر موجوده نسل کي ڀٽو ڪيس بابت ڄاڻڻ جو وڏو موقعو فراهم ٿيندو. اهو ڪيس جنهن کان پيپلز پارٽي جا نوان آيل "رئيس ۽ وڏيرا جيالا" به اڻ واقف آهن. جي ڄاڻيندا ته اهي به ڪجهه ڄاڻي وٺندا. باقي ڪجهن گهرن. قاتل جيل ۽ بکئي پيٽ وارن جو نوجوان نسل ضرور ڀٽو ڪيس بابت ڄاڻندو.

ڀٽو شهيد جو ڪيس سنڌ ۾ ويسر جي يادگيري بڻجڻو ناهي. اهو سدا ياد ئي رهڻو آهي. پر موجوده نسل کي ضياءَ جي ظلمت ۽ اونداهي ڏسڻ ۽ ڀٽو جي ڏاهپ ٻڌڻ جو موقعو ضرور ملندو. هي رڳو ملڪي عدالتي رڪارڊ جي درستگي جو مسئلو ناهي. هي ڪيس رڳو فوجداري ڪيسن ۾ هڪ نئون مثال بڻجڻو ناهي پر هن نظرثاني ريفرنس جي فيصلي سان ملڪي تاريخ جو به فيصلو به لکجڻو آهي. ڀٽي صاحب کي پنهنجي زندگي ۾ عدالتي ڪٽهڙي ۾ ڪيئن بيرحماڻي انداز سان بيهاريو ويندو هو. هن سان هتڪ آميز رويو ڪيئن رکيو ويندو هو؟ انهيءَ جا منظر جيڪڏهن ڪنهن کي ڏسڻا آهن ته اهو ڀٽي صاحب جي ڪتابن. خاص طور "جيڪڏهن مونکي قتل ڪيو ويو" ۽ "افواهه ۽ حقيقت" سان رجوع ڪري سگهي ٿو.

افتخار محمد چوڌري جي دور ۾ جڏهن صدارتي ريفرنس جون ٻڌڻيون ٿيون هيون ته ان وقت ڪيس جي وڪيل بابر اعوان کي چيف جسٽس پاران ضياءُ ۽ ڀٽي صاحب بابت کاٻي ڌر جي نالي واري ليکڪ طارق علي جو ڪتاب "لومڙ ۽ چيتو" پڙهي اچڻ جو حڪم جاري ڪيو هو هاڻي جڏهن سپريم ڪورٽ صدارتي ريفرنس تحت ڀٽو ڪيس ٻڌي رهي آهي. انهيءَ جون جنوري 2024 جي ٻئي هفتي کان روزاني جي بنياد تي ٻڌڻيون ٿيڻيون آهن. ڇا سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ ڀٽي صاحب جا ڪتاب "جيڪڏهن مونکي قتل ڪيو ويو" ۽ "افواهه ۽ حقيقت" به بحث هيٺ ايندا؟ عوامي مفادن واري هن صدارتي ريفرنس تي جسٽس منصور علي شاهه پاران اٿاريل قانوني نڪتا پنهنجي جڳهه تي. پر ڀٽي جي ڦاسيءَ واري سزا برقرار رکندڙ سپريم ڪورٽ جي 9 رڪني بيچ مان ان وقت هڪڙو جج رٽائر ٿي چڪو هو. هڪڙو بيمار هو ۽ باقي ستن ججن فيصلو ٻڌايو هو جن مان ٽن اختلافي فيصلو ڏنو هو ۽ چئن سزا جي حق ۾ فيصلو ڏنو هو خير سان انهن چئني جو تعلق هڪڙي ئي صوبي پنجاب سان هو صدارتي ريفرنس ۾ سپريم ڪورٽ جي قانوني ۽ آئيني معاونت ڪندڙ ميان رضا رباني ۽ فاروق ايڇ نائيڪ مان ڪو ڇا ايندڙ ڪنهن حاضري تي انهيءَ وقت جي عدليا ۽ چيف جسٽس بابت جيڪو ڀٽي شهيد لکيو هو. اهو لارجر بيچ جي معزز ججن کي پڙهي ٻڌائيندو؟

ڀٽي صاحب پنهنجي ڪتاب "افواهه ۽ حقيقت" ((Rumor and Reality ۾ لکيو آهي: "آزاد عدليا مارشلا جو ضد هوندي آهي. آزاد عدليا صرف آئين جي ڇٽيءَ هيٺ پنهنجا فرض نڀائي سگهي ٿي. عدليا ويلنگٽن جي برائون ڊيوڪ بندوق جي ڇانوَ ۾ پنهنجا فرض انجام نٿي ڏئي سگهي. آزاد عدليا جو وجود عوام جي چونڊيل سربراهه ۽ عوام جي متفقه آئين جي صورت ۾ ئي ممڪن آهي پر هتي عوام جو چونڊيل سربراهه ته موت جي سزا ۾ جيل اندر آهي اسلام آباد. لاهور. پشاور. ڪوئيٽا ۽ سنڌ ۾ اسيمبليون قبرستان جيان خاموش ۽ گونگيون بڻجي چڪيون آهن. ڇا صحرا ۾ تبديل ڪيل گلشن ۾ ڪڏهن گل ٽڙيا آهن؟"

ساڳئي ڪتاب ۾ ڀٽو صاحب لکي ٿو: چيف جسٽس (ان وقت سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو چيف جسٽس) انوارالحق سان واعدو ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن هو مولوي مشتاق (لاهور هاءِ ڪورٽ) جي فيصلي تي پنهنجو آڱوٺو ۽ مهر هڻندو ته ان جي بدلي ۾ ڪيس صدر پاڪستان جي عهدي سان نوازيو ويندو .. "انوارالحق پنهنجي مختصر پر مضبوط صدارتي دور ۾ سي ايس پي آفيسرن جي گڏجاڻي ۾ چيو ته. جيڪڏهن پاڪستان بچائڻو آهي ته ڀٽي کي ختم ڪرڻو پوندو. هڪڙي جرئتمند آفيسر اٿي ٻيهي پڇيو: جناب. اها ڳالهه توهان قائم مقام صدر جي حيثيت ۾ ڪري رهيا آهيو يا چيف جسٽس جي حيثيت ۾؟ جنهن تي انوارالحق ورائيو ته اها ڳالهه آئون صدر جي حيثيت ۾. چيف جسٽس جي حيثيت ۾ ۽ پاڪستان جي هڪ شهري جي حيثيت ۾ ڪري رهيو آهيان.

انڌي نفرت ڪندڙ اهڙي تعصبي جج ٻوءِ ڀٽو ڪيس جي سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ٻڌي ۽ ڀٽي صاحب جي سزا برقرار رکي. جنهن ڪيس کي هڪ ڀيرو ٻيهر سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌو پيو وڃي ۽ ڀٽو شهيد مجرم طور عدالتي ڪٽهڙي ۾ آهي.

بقايا *** 01

ڪوريه هڪ طرفو فيصلو قبول نه ڪنداسين. پاڪستان ڪشميرين جي حمايت جاري رکندو. نگران وزيراعظم وڌيڪ چيو ته ڀارت والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي سرعام ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي.

بقايا *** 02

هاءِ ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ باني جي توشه خاني ڪيس ۾ نااهلي ۽ انٽرا پارٽي چونڊن خلاف داخل درخواستن جي ٻڌڻي ڪئي. عدالت ۾ جسٽس شاهد بلال رمارڪس ڏيندي چيو ته عدالت ڪيس جي باضابطه ٻڌڻي کان اڳ فيصلو ڪندي. اليڪشن ڪميشن طرفان ڪير پيش ٿيو آهي. ان تي شريڪ وڪيل چيو ته اليڪشن ڪميشن جا وڪيل مرڪلن تي آهن. جسٽس شاهد بلال چيو ته اليڪشن ڪميشن جي وڪيل جي غير موجودگي ۾ ڪيس جي ٻڌڻي ڪرڻ مناسب نه هوندو ٻڌڻي دوران بئريسٽر علي ظفر چيو ته اليڪشن ڪميشن چونڊن لاءِ 8 فيبروري جي تاريخ ڏني آهي. جسٽس شاهد ڪريم چيو ته نااهلي ڪيس ۾ ڌرين کي نوٽيس ولي ٻڌون ٿا. لاهور هاءِ ڪورٽ کي درخواست ٻڌڻ جو اختيار آهي.

بقايا *** 03

خان کان پڇيو ته جن الزامن تي عهدي تان هٽايو ويو ڇا اهي صحيح آهن. اوهان جي درخواست آئين جي آرٽيڪل 184 ٽري تحت آهي. اوهان جي درخواست پڙهي. جيڪڏهن الزام درست آهن ته جن ماڻهن کي اوهان پارٽي ٺاهڻ چاهيو ٿا ته انهن کي ڇا ملندو؟ هن چيو ته اوهان ماڻهن تي پريشر الزام لڳايا. جيڪڏهن اهي ماڻهو آئين جي پاسداري نه ڪري رهيا هئا ته پيا ماڻهو به چال ۾ ڦاسي پوندا. اوهان چئي رهيا آهيو ته متواتر وقت تي اليڪشن سان پارٽ اڳتي نڪري ويو چيف جسٽس چيو ته اوهان جو الزام آهي ته هو ڪنهن ٻي لاءِ سهولتڪار بڻجي رهيا هئا. هڪ شخص کي نقصان پهچايو ويو ۽ ٻئي کي فائدو هيءُ اوهان جي تقرير آهي. جن لاءِ هو سهولتڪار بڻجي رهيا هئا. اهي ڪير هئا؟ اوهان آئين جي آرٽيڪل 184 ٽري ۾ داخل ٿي ويا آهيو. جيڪڏهن اوهان جا الزام درست آهن ته اوهان ملڪي آئين خلاف ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي. چيف جسٽس رمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن ڪنهن کي نااهل ڪيو وڃي ته ڪنهن کي فائدو به ته ٿيندو. آرٽيڪل 184 ٽري ۾ هي ڪيس اوهان اسان وٽ آندو آهي. اها تمام سنجيده ڳالهه آهي پر اوهان هن کي سنجيده نه پيا وٺو. اوهان به ڪيترائي ڀيرا سپريم ڪورٽ ٻار جي اليڪشن ۾ حصو ورتو. هن چيو ته هڪ شخص کي ٻاهران ڪري رکيو ويو آهي جيئن پسنديده اميدوار کٽي وڃي. اسان اوهان کي ناهي گهرايو. اوهان پاڻ هتي آيا آهيو. هاڻي مرضي اسان جي هلندي. ائين نه ٿو ٿي سگهي اوهان فرد واحد جو ڪيس کڻي اچو. آئين ۽ باقي ڪنهن کي نه ڏسو. جڏهن اسان وٽ آئين آهي ته اسان ان موجب هلنداسين اهو ٿي نه ٿو سگهي ته اسان کي چيو وڃي ته هي ڪريو يا هو ڪريو. جيڪڏهن اوهان ائين ڪيو ته پوءِ آئين. عدليه ۽ جمهوريت تي وڏو حملو هوندو. ان جو اسان وري نوٽيس وٺنداسين ۽ حتمي هنڌ تي پهچائينداسين. چيف جسٽس رمارڪس ڏنا ته صدر جا اختيار تمام گهٽ آهن. هر ڀاڱي وزيراعظم جي ايڊوائس تي هلندو آهي. وفاقي حڪومت ۽ ڪابينه هڪ شخص نسهن. جڏهن اسان وٽ آئين آهي ته اسان ان موجب هلنداسين منهنجو سوال آهي ته فوج آزاد ادارو آهي يا حڪومت جي ماتحت آهي. حڪومت جو سربراهه ڪير هوندو آهي؟ جنهن تي وڪيل حامد خان جواب ڏنو ته حڪومت جو سربراهه صدر هوندو آهي.

بقايا *** 04

داخل ٿيندي ئي دستي بم سان حملو ڪيس. جنهن ۾ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر گوهر زمان سميت 2 اهلڪار شهيد ٿي ويا. هڪ حملي آور پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو. اڳهاتي ڌماڪي سبب پوليس لائن جي ڇت تي موجود 2 پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيا. خيبر ضلعي جي علائقي باڙا ۾ دهشتگردن جو نالہ جوائنٽ پوسٽ تي بمن سان حملو. 2 سڪيورٽي اهلڪار شهيد. ڪجهه ڏينهن اڳ ڊيرا اسماعيل خان ۾ دهشتگردن سڪيورٽي چيڪ پوسٽ تي حملو ڪيو هو. جنهن ۾ 23 فوجي جوان شهيد ۽ 27 دهشتگرد مارجي ويا هئا.

بقايا *** 05

جو اعلان ڪري ڇڏيو ن ليگ. پ پ. ق ليگ ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي به لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف ڌر بڻجڻ جو اعلان ڪيو آهي. ن ليگ ترجمان مريم اورنگزيب چيو ته عام چونڊون وقت تي يقيني بڻائڻ لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو آهي. ن ليگ لاهور هاءِ ڪورٽ جي آر اوز بابت فيصلي خلاف لارجر بئنچ ۾ ڌر بڻجندي. هوڏانهن پ پ جي پڌرائيءَ موجب اڳوڻي صدر آصف علي زرداري فوري طور تي پٽيشن فائل ڪري ڌر بڻجڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ٻئي پاسي چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ سان ملاقات ڪئي. جنهن ۾ جسٽس سردار طارق ۽ جسٽس اعجاز الاحسن به شريڪ هئا. ان کانسواءِ اٽارني جنرل منصور عثمان به ملاقات ۾ شريڪ ٿيو. ذريعن موجب چيف اليڪشن ڪمشنر چيف جسٽس جي دعوت تي سپريم ڪورٽ آيو ۽ هن ججن کي لاهور هاءِ ڪورٽ جي منع نامي کان آگاهه ڪيو. هوڏانهن ذريعن جو چوڻ آهي ته اليڪشن ڪميشن طرفان لاهور ۽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلن خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪرڻ جو امڪان آهي. واضح رهي ته 8 فيبروري تي چونڊن جي فيصلي موجب اليڪشن ڪميشن کي اڄ يا سڀاڻي تائين شيڊيول جاري ڪرڻو پوندو ۽ چونڊ شيڊيول 54 ڏينهن جو هوندو آهي. چونڊ شيڊيول موجب ڀيرين ڏينهن 17 ڊسمبر ۽ 8 فيبروري 54هون ڏينهن ٿئي ٿو. ياد رهي ته تحريڪ انصاف عام چونڊن لاءِ بيورو ڪريسي جون خدمتون وٺڻ جو اليڪشن ڪميشن جو فيصلو لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو هو. عدالت عاليا گذريل ڏينهن اليڪشن ڪميشن جو چونڊن لاءِ بيورو ڪريسي جون خدمتون وٺڻ جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ته اڄ لاهور هاءِ ڪورٽ ان معاملي تي چيف جسٽس جي سربراهي ۾ 5 رڪني لارجر بئنچ به جوڙي آهي. جيڪا 18 ڊسمبر تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي.

بقايا *** 06

۾ اڳوڻي جج شوڪت عزيز صديقيءَ جي معزولي خلاف درخواست تي ٻڌڻي لائيو ٿي. سپريم ڪورٽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي برطرف ڪيل جج شوڪت عزيز صديقي جي ڪيس جي ٻڌڻي دوران آءِ ايس آءِ جي اڳوڻي سربراهه ليفٽيننٽ جنرل رٽائرڊ فيض حميد کي نوٽيس موڪلي هُن کان الزامن جو جواب طلب ڪري ورتو آهي. شوڪت عزيز صديقي جي وڪيل جيڪي ست نالا ڏنا انهن ۾ اڳوڻو آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوه جو نالو به شامل هو پر عدالت قرار ڏنو ته هُن جو هن ڪيس ۾ ڪو سڌو سنئون ڪردار سامهون نه آيو آهي. شوڪت عزيز جي وڪيل حامد خان آءِ ايس آءِ جي برگيڊيئر عرفان رامي ۽ برگيڊيئر فيصل مروت کي به ڌر بڻائڻ جي استدعا ڪئي. اڳوڻي چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ انور خان ڪاسي ۽ سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي رجسٽرار ارباب محمد عارف کي به نوٽيس موڪلي ڇڏيو

بقايا *** 07

.ذريعن موجب ملاقات ۾ جسٽس سردار طارق مسعود. جسٽس اعجاز الاحسن ۽ اٽارني جنرل به شريڪ ٿيا. ذريعن موجب چيف اليڪشن ڪمشنر ملاقات دوران چيف جسٽس ۽ ٻين ججز کي لاهور هاءِ ڪورٽ جي اسٽي آرڊر بابت آگاهه ڪيو. ذريعن موجب اها ملاقات آر اوز ۽ ڊي آر اوز جي مقررين بابت لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي سلسلي ۾ ٿي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته چيف جسٽس ٻهرين 2 سينيئر ججز سان مشاورت ڪئي. ان مشاورت کانپوءِ وڌيڪ مشاورت لاءِ اٽارني جنرل ۽ چيف اليڪشن ڪمشنر کي به طلب ڪيو ويو.

بقايا *** 08

ويو آهي. نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ فوڊ اٿارٽي جو اجلاس ٿيو. جنهن ۾ چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم. سيڪريٽري فوڊ ناصر عباس ۽ ڊي جي فوڊ اٿارٽي سميت ٻين عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير چيو ته شهر جي اڪثر ريسٽورينٽس جي حالت انتهائي خراب آهي. اجلاس ۾ موجود ڊي جي فوڊ اٿارٽي چيو ته روز هڪ سئو جي لڳ ڀڳ ڇاپا هنيا پيا وڃن. وڏي وزير چيو ته ڇاپا هنيا پيا وڃن ته پوءِ صورتحال بهتر ڇو نه پئي ٿئي؟ فوڊ اٿارٽي نه ڪا ڪو چيڪ ڪري ٿي ۽ نه وري پاڻيءَ جا ڪين چيڪ ڪري ٿي. وڏي وزير پاران فوڊ اٿارٽي کي ٽن ڏينهن اندر آپريشنل پلان تيار ڪري پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. هن چيو ته ريسٽورينٽس جي رڌڻن ۾ ڪوئا گهمندا پيا وتن. فوڊ اٿارٽي ڪا به چيڪنگ نه ٿي ڪري.

بقايا *** 09

يونيورسٽي جي ٻن استادن ۽ 15 شاگردن تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڄامشوري ٿاڻي تي سرڪار پاران ايس آءِ پي گل بيگ ڪتيان جي فرياد تي داخل ڪيس ۾ سنڌ يونيورسٽي جي ٻن استادن ڊائريڪٽر اسٽوڊنٽ افيئرس ڊاڪٽر يونس لغاري ۽ پروسٽ بوائز هاسٽل ڊاڪٽر پسند کوسو کي به نامزد ڪيو ويو آهي. ڪيس ۾ ثقلين سنڌي. حسنين راشد جوڻيجو. علي رضا بروهي. عبدالجبار بوزدار. علي گل سولنگي. ذيشان بليدي. سراج سنڌي. نظير کوسو. مظهر آريسر. نادر پيلان. علي آبڙو. فواد جانوري. ذيشان چانڊيو ۽ آصف ڪيريو جا نالا شامل ڪيا ويا آهن جڏهن ته داخل ڪيس ۾ نامزد ٻن استادن تي شاگردن کي ورغلائڻ جا الزام هنيا ويا آهن. داخل ڪيس ۾ سرڪار جي فرياد تي داخل ڪيس ۾ دهشتگردي جا ڪلمر به لڳايا ويا آهن. ٻئي طرف ڪيس داخل ٿيڻ تي سنڌ جي سياسي سماجي ۽ قوم پرست تنظيمن جي اڳواڻن مذمت ڪندي ڪيس ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا *** 10

آف پاڪستان شريف الله کي سنڌ جو اليڪشن ڪمشنر مقرر ڪرڻ جو پڌرنامو جاري ڪري ڇڏيو آهي. جاري ڪيل پڌرائي موجب شريف الله اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جو گريڊ 21 جو آفيسر آهي. پڌرائي ۾ اهو به چيو ويو آهي ته شريف الله ان کان اڳ بلوچستان جو صوبائي اليڪشن ڪمشنر مقرر هو.

بقايا *** 11

حاصل ڪندڙن ۾ ريئر ايڊمرل مظهر محمود ملڪ. ريئر ايڊمرل شهزاد حامد ۽ ريئر ايڊمرل اظهر محمود شامل آهن. ريئر ايڊمرل مظهر محمود ملڪ 1992ع ۾ پاڪستان نيوي جي مئرين انجنيئرنگ برانچ ۾ ڪميشن حاصل ڪئي جڏهن ته ريئر ايڊمرل شهزاد حامد ۽ ريئر ايڊمرل اظهر محمود 1993ع ۾ آپريشنز برانچ ۾ ڪميشن حاصل ڪئي. پاڪ بحريه جي ترجمان موجب ترقي يافته 3 آفيسر پاڪستان نيوي وار ڪاليج لاهور ۽ نيشنل ڊفينس يونيورسٽي اسلام آباد جا گريجوئيٽ آهن ترجمان چيو ته آفيسرن پاڪستان نيوي ۾ ڪمانڊ اينڊ اسٽاف جون ڪيترين ئي اهم ذميواريون سرانجام ڏنيون آهن.

بقايا *** 12

ڪئي هئي. جنهن تي پشاور هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي عدالت ۾ ٻڌڻي مڪمل ٿيڻ تائين حتمي فيصلو ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو هو. جڏهن ته اليڪشن اليڪشن ڪميشن انٽرا پارٽي اليڪشن ۽ چونڊ نشان ڪيس کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو. چونڊ نشان ڪيس ۾ پي ٽي آءِ کي 18 ڊسمبر لاءِ الڳ الڳ نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي. جنهن خلاف پي ٽي آءِ پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ ضمني درخواست پڻ داخل ڪئي. جسٽس شڪيل احمد ۽ جسٽس فهيم ولي پي ٽي آءِ جي ضمني درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. جنهن ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر علي به عدالت ۾ پيش ٿيو. بيرسٽر گوهر عدالت کي ٻڌايو ته اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ کي 8 ڊسمبر تي نوٽيس ڏنو هو ۽ ان ڪيس ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي حتمي فيصلو ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي ۽ 19 ڊسمبر جي تاريخ ڏني آهي. جنهن تي اليڪشن ڪميشن جي چونڊ نشان ڪيس کي الڳ ڪيو ويو هو چونڊ نشان ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن ٻيو نوٽيس جاري ڪندي 18 ڊسمبر تائين طلب ڪري ورتو آهي. ان ڪري اليڪشن ڪميشن کي به چونڊ نشان ڪيس ۾ فيصلو ڪرڻ کان روڪيو وڃي. پي ٽي آءِ چيئرمين جي موقف تي عدالت اليڪشن ڪميشن کي چونڊ نشان ڪيس ۾ حتمي فيصلو ڪرڻ کان به روڪي ڇڏيو. جڏهن ته چونڊ نشان واري ڪيس کي انٽرا پارٽي ڪيس سان جوڙيندي ڪيس جي ٻڌڻي 19 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 13

آباد کان ڪوئيٽا ويندڙ وين ۽ ڪار ۾ بولان وٽ ٽڪر ٿيو. حادثي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 25 مسافر زخمي ٿيا. اطلاع تي پوليس ۽ علائقي واسين پهچي زخمين کي مختلف اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو. اختيارين موجب حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو. زخمين مان ڪجهه جي حالت ڳنڀير ڄاڻائي پئي وڃي.

بقايا *** 14

اليڪشن شيڊول کي ڪجهه ڏينهن لاءِ ملتوي ڪندي. لارجر بينچ جي فيصلي کانپوءِ ئي شيڊول جاري ڪيو ويندو. اليڪشن ڪميشن جي اڳوڻي سيڪريٽري چيو ته هاءِ ڪورٽ جي ججن خدمتون ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. ان ڪري اليڪشن ڪميشن بيوروڪريسي کان خدمتون ورتيون. اليڪشن ڪميشن پنهنجي ايڪٽ تحت انتظاميه يا عدليه کان آفيسر وٺي سگهي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو هن انتظاميه کان آفيسر ورتا.

بقايا *** 15

پيوٽن چيو ته غزه جي صورتحال تباهي واري آهي. يوڪرين ۾ اهڙو ڪجهه به ناهي. روسي صدر چيو ته غزه جي صورتحال جو يوڪرين سان مقابلو نٿو ڪري سگهجي. پريس ڪانفرنس دوران روسي صدر خلاف لکيل اسڪرين تي ظاهر ٿيون. جن ۾ صدر پيوٽن کان استعيفيٰ ڏيڻ ۽ روس جون اصل حقيقتون دنيا کي ڏيکارڻ جو مطالبو ڪيو ويو.

بقايا *** 16

نٿو ٿي سگهي. پر ان شعبي جي ترقي لاءِ اسان کي وڌيڪ ڪم ۽ محنت جي ضرورت آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچي جي ڊاڪٽر روٿ پفائو سول اسپتال ۾ ٽيلي ميڊيسن ڪلينڪ جو افتتاح ڪرڻ ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي ڊائو يونيورسٽي جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سعيد قريشي. ايم ايس ڊاڪٽر روٿ پفائو سول اسپتال ڪراچي ڊاڪٽر سيد خالد بخاري. ڊبليو ايچ او ڊاڪٽر بدر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ڊاڪٽر سعد خالد نياز چيو ته ٽيلي ميڊيسن ڪلينڪ جو افتتاح هڪ قسم جو پائلٽ پراجيڪٽ آهي. جيڪڏهن هي پروجيڪٽ سٺو ثابت ٿيو ته ٻين ضلعن ۾ به ٽيلي ميڊيسن ڪلينڪ قائم ڪيون وينديون. جڏهن ته ڊبليو ايچ او به ان منصوبي ۾ اسان جو ساٿ ڏنو آهي جنهن تي اسان انهن جا شڪرگذار آهيون. هن چيو ته پرائمري صحت جي بهتري لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون. اسپتالن جي بهتري ٽن مهينن جو ڪم نه آهي پر آهستي آهستي بهتري اچي رهي آهي. اسان جي ڪوشش آهي ته هلندڙ مهيني ويل وومين ڪلينڪ جو افتتاح ڪنداسين. هن چيو ته پرائمري صحت جون سهولتون فعال ٿيڻ سان ثانوي ۽ ٽئين سنيال ۾ بهتري ايندي. هاڻي علاج کان وڌيڪ احتياطي تدبيرن جي ضرورت آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سنڌ حڪومت سول اسپتال ڪراچي جي عمارت تي قبضي بابت ليگل ٽيم سان ڳالهايو آهي. اها ملڪيت سول اسپتال جي ملڪيت آهي. شهر ۾ انسولين جي کوٽ ۽ عدم دستيابي بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز چيو ته شهر ۾ انسولين جي بحران جو سڌو سنئون تعلق وفاقي حڪومت سان آهي. اهو وفاق جو معاملو آهي. حڪومت هن سنگين مسئلي جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ چاهي ٿي. سول اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ بابت پڇيل سوال تي هن چيو ته سول اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ ناهي. دوائون موجود آهن. هن پاڻ مريضن کان معلومات ورتي آهي ۽ چيو آهي ته دوائون موجود آهن. هن چيو ته صحت جي موجوده صورتحال مان ڪير به مطمئن نٿو ٿي سگهي. اسان کي صحت جي شعبي جي ترقي لاءِ وڌيڪ ڪم ۽ بهتري جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته مون وٽ اڃا هڪ کان ڏيڍ مهينو آهي ۽ ان عرصي ۾ منهنجو توجه جو مرڪز آٽوميشن ۽ يونيورسل هيلٿ سسٽم قائم ڪرڻ تي آهي.

بقايا *** 17

بدران ڇا خلائي مخلوق اهو ڪردار ادا ڪندي. ڇا اليڪشن ڪميشن جو ڪردار به سپريم ڪورٽ کي ادا ڪرڻو پوندو

بقايا *** 18

ڀاڻ جي فراهمي لاءِ ڪوٽا مقرر ڪري ٿي؟ آبادگارن جي وڪيل علي احمد پلھ چيو ته حڪومت ڀاڻ جي پيداوار تي خانگي ڪمپنين کي سبسڊي ڏئي ٿي. هن وقت سموري سنڌ ۾ ڀاڻ جي فراهمي نه هجڻ برابر آهي. سنڌ ۾ 34 سئو روپين واري ڀاڻ جي ٻوري ساڍا 5 هزار روپين ۾ بليڪ تي وڪرو ٿي رهي آهي. عدالت صوبي جي سمورن ڪمشنرز کي نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪري ورتو ٻڌڻي 10 جنوري تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا *** 19

تي عدالت ۾ طلب ڪري ورتو عدالت بشريٰ بي بي جي هڪ ڏينهن جي حاضري کان ڇوٽ واري درخواست منظور ڪندي ڪيس 50 هزار رپين جا ذاتي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت چيو ته اڊيالا جيل مان وڊيو لنڪ تي پي ٽي آءِ باني جي موجودگي يقيني نه ٿي سگهي. جيل سپرنٽينڊنٽ ايندڙ ٻڌڻي تي پي ٽي آءِ باني جي حاضري يقيني بڻائي. سول جج قدرت الله چيو ته جوابدارن کي شڪايت جون ڪاپيون ۽ ٻيا دستاويز فراهم ڪري ڇڏيا آهن. نڪاح جي ڪيس جي ايندڙ ٻڌڻي 18 ڊسمبر تي ٿيندي.

بقايا *** 20

پيپرز سوسائٽي (سي پي اين اي) جو دورو ڪيو ۽ ڪائونسل جي عهديدارن ۽ ميمبرن سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي سي پي اين ايس جي عهديدارن ۽ ميمبرن نگران وزير محمد احمد شاهه جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ۽ پنهنجي استقبالي تقرير ۾ سمورن عهديدارن نگران اطلاعات واري وزير جي ادب ۽ ثقافت جي شعبن ۾ ڪيل ڪم ۽ خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ انهن سان پراڻي تعلقات ۽ دوستي جو اظهار ڪيو. اطلاعات. اقليتي معاملن ۽ سماجي تحفظ واري نگران وزير محمد احمد شاهه چيو آهي ته سندس سي پي اين اي سان پراڻو لاڳاپو آهي ۽ عامر محمود يونيورسٽي جي ڏينهن کان سندس دوست ۽ ساٿي رهيو آهي. هن چيو ته ڪائونسل جي ٻين ميمبرن ۽ عهديدارن سان سندس دوستي ۽ محبت رهي آهي. هن چيو ته اسان سڀني گڏجي جدوجهد ڪئي آهي. محمد احمد شاهه چيو ته اسان آرٽس ڪائونسل کي راءِ جي اظهار جي حوالي سان هائڊ پارڪ جهڙو ادارو بڻايو آهي ۽ هتي اسان مزدورن. عورتن. ٻارن ۽ اقليتن لاءِ هڪ برابري وارو ادارو ناهيو آهي. جتي ماڻهو پنهنجي ڳالهه ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته ڪراچي پريس ڪلب جي تاريخ انساني حقن. انصاف ۽ قانون لاءِ جدوجهد ۽ راءِ جي اظهار جي حوالي سان به ڏاڍي شاندار رهي آهي ۽ ڪراچي پريس ڪلب ۾ اهم شخصيتون ميمبر ۽ عهديدار رهيا آهن ۽ انهن تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي. محمد احمد شاهه چيو ته نگران سنڌ حڪومت سي پي اين اي جي ميمبرن ۽ عهديدارن جون سموريون رهتون تمام جلد ادا ڪندي ۽ ان حوالي سان ضروري ريگيوليشن جو عمل مڪمل ٿيڻ وارو آهي. نگران اطلاعات واري وزير چيو ته سرڪاري اشتهارن جي حوالي سان ڪنهن به اخبار کي نظرانداز نه ڪيو ويندو. محمد احمد شاهه چيو ته نگران وزيراعليٰ سنڌ جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر صحافين ۽ صحافتي ادارن جي ڀلائي ۾ تمام گهڻي دلچسپي رکي ٿو ۽ اوهان دوستن سان منهنجي پراڻن لاڳاپن جي روشنيءَ ۾ هن مون کي اطلاعات کاتي جو قلمدان سونپيو آهي. ان موقعي تي نگران اطلاعات واري وزير محمد احمد شاهه چيو ته نگران سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته عوامي مفاد جي سمورن سماجي مسئلن. اقليتن جي مسئلن. عورتن ۽ ٻارن جي مسئلن ۽ هنگامي نوعيت جي ٻين مسئلن تي خاص آگاهي مهم هلائي وڃي. محمد احمد شاهه چيو ته سوشل سيڪيورٽي ڊپارٽمينٽ تحت ڏورانهن ڳوٺن ۽ وسندين ۾ رهندڙ غريب حامله عورتن جي 30 هزار روپين جي مالي مدد جو پروگرام پڻ غور هيٺ آهي نگران اطلاعات واري وزير چيو ته ڊجيٽل ميڊيا کي به اهميت ڏني وڃي. هن چيو ته سنڌ ڪميشن فار پروٽيڪشن آف جرنلسٽس اينڊ ٻين ميڊيا عملي ۽ سنڌ انفارميشن ڪميشن کي به مستحڪم ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته جان محمد مهر جي قاتلن کي هر صورت ۾ گرفتار ڪيو ويندو هن چيو ته سنڌ جي نگران وڏي وزير جون هدايتون بلڪل واضح آهن. اهو ئي سبب آهي ته آءِ جي سنڌ پاڻ سڌي ريٽ آپريشن جي نگراني ڪري رهيو آهي ۽ واقعي واري هنڌ جو دورو پڻ ڪيو آهي. پوليس سان گڏ رينجرز جي نفري به مدد لاءِ موجود آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته نگران حڪومت 8 فيبروري تي چونڊن لاءِ تيار آهي. هن چيو ته هو 100 سيڪڙو مڃي ٿو ته حڪمراني جو حق عوام جي چونڊيل نمائندن جو آهي. محمد احمد شاهه چيو ته سندس ڪوشش آهي ته هر کاتي جو وزير ميڊيا سان گڏ ويهي ۽ ميڊيا ذريعي عوام کي ڪارڪردگيءَ کان آگاهه ڪري. محمد احمد شاهه چيو ته سنڌ حڪومت سمورن صحافين. ڪيمرا مين. فوٽوگرافر ميڊيا ورڪرز ۽ ايڊيٽرز ۽ ٻين ميڊيا وارن جي انشورنس لاءِ به قدم کڻندي. تقريب ۾ ڊاڪٽر عامر محمود. ڊاڪٽر جبار خٽڪ. حامد حسين عابدي ۽ سي پي اين اي جي عهديدارن ۽ ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا *** 21

. ٻڌڻي دوران ڊپٽي اٽارني جنرل عدالت کي ٻڌايو ته مونس الاهي سميت 11 جوابدارن تي جعلي اڪائونٽس ذريعي مني لانڊرنگ جو الزام آهي. جسٽس عائشہ ملڪ چيو ته لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو تمام تفصيلي آهي. نيب سميت ڪيترائي ادارا انهن اڪائونٽس جي جاچ ڪري چڪا آهن. جسٽس سردار طارق مسعود پڇائو ڪيو ته هڪ ئي ڪيس جي ٻيهر جاچ ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ ڊپٽي اٽارني جنرل جواب ڏنو ته نيب آمدني کان وڌيڪ اثاثن جي جاچ ڪري رهي آهي. جسٽس سردار طارق پڇائو ڪيو ته اڪائونٽس جي جاچ ڪڏهن ٿي رهي آهي؟ ڊپٽي اٽارني جنرل جواب ڏنو ته ڪجهه اڪائونٽ 2007 ۾ کوليا ويا. ڪجهه 2010 کان 2014 تائين کوليا ويا. جسٽس سردار طارق چيو ته نيب 2020 ۾ جاچ مڪمل ڪئي. احتساب عدالت ان جي تصديق ڪئي. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته نيب ان معاملي جو جائزو نه ورتو هجي؟ ڊپٽي اٽارني جنرل جواب ڏنو ته شوگر ڪميشن جي رپورٽ مان مني لانڊرنگ جو معاملو سامهون آيو آهي. جسٽس عائشہ ملڪ چيو ته کنڊ جي قيمت بابت ڪمند ڪميشن جو تعلق هو. ڪميشن رحيم يار خان مل جي معاملي جي جاچ ڪري رهي آهي. ايف آءِ اي اڃا تائين واضح ناهي ڪري سگهي ته ڪهاڻي ڪٿان شروع ٿي؟ جسٽس سردار طارق پڇائو ڪيو ته اينٽي مني لانڊرنگ قانون 2010 ۾ ناهيو ويو. ان کي ماضي کان ڪيئن لاڳو ڪري سگهجي ٿو؟ اوهان موجب ڪيس جو بنياد 2007 جو اڪائونٽ آهي. نيب ريفرنس جا تفصيل ۽ رڪارڊ فراهم ڪريو. پوءِ فيصلو ڪيو ته مونس الاهي کي نوٽيس ڏنو وڃي يا نه. ڊپٽي اٽارني جنرل چيو ته هاءِ ڪورٽ پنهنجي حد کان ٻاهر ٿي ڪيس ختم ڪيو. جسٽس يحيٰ آفريدي چيو ته هاءِ ڪورٽ کي آئيني اختيار حاصل آهي ته ٻهرين ٻڌڻي تي ڪيس اڪلائي.

بقايا *** 22

جي زمين جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ آن لائن منصوبي جو افتتاح ڪري ڇڏيو. ڊجيٽلائيزيشن ۽ آن لائن منصوبي کي فعال ٿيڻ سان "اي سروسز سنڌ" تالي هڪ موبائل ايپ هاڻي دستياب هوندي. ان موقعي تي نگران صوبائي وزير محمد يونس ڏاگا چيو ته اڄ سنڌ ۾ گڊ گورننس جي حوالي سان تاريخي ڏينهن آهي. محمد يونس ڏاگا چيو ته سائيٽ لميٽيڊ ۽ سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن سميت سڄي سنڌ ۾ ڪراچي. ڪوٽڙي. حيدرآباد. سکر وغيره جي سمورن رياستن (States)جي زمينن جا رڪارڊ ۽ نقشا ڊجيٽل ڪيا ويا آهن. هن چيو ته سنڌ بورڊ آف روينيو صنعت ۽ واپار کاتن ٻن مهينن جي عرصي ۾ هي ايپ تيار ڪئي آهي. نگران وزير محمد يونس ڏاگا چيو ته انهن کاتن جي صارفين کي هاڻي سموري سروسز سميت اين او سي. اجازت ۽ ٽرانسفر آن لائن دستياب هونديون. هن چيو ته درخواست ڏيندڙن کي هاڻي غير ضروري طور تي آفيسن ۾ اچڻ جي ضرورت نه پوندي ۽ سندن درخواستن تي عمل ٿيڻ لاءِ انتظار نه ڪرڻو پوندو. هن واضح ڪيو ته نئون نظام آفيسرن ۽ ملازمن لاءِ درخواستن کي نمٽائڻ لاءِ وقت جي حد مقرر ڪري ٿو. هن چيو ته ڊجيٽل مانيٽرنگ سسٽم سان آفيسرن جي ڪارڪردگي جي جوابداري ممڪن ٿيندي ۽ ڪاروبار ڪرڻ وارن کي آساني فراهم ٿيندي. هن چيو ته هي سسٽم آن لائين درخواستن جي وصولي ۽ ڪوريئر سروسز ذريعي دستاويزن جي ترسيل کي آسان بڻائيندو. جنهن سان پوري عمل ۾ شفافيت پيدا ٿيندي. محمد يونس ڏاگا چيو ته سنڌ هڪ اهم صوبائي کاتي ۾ جديد اي-گورننس سسٽم لاڳو ڪري هڪ وڏو قدم کنيو آهي. جنهن سان ٻين کاتن لاءِ به راهه هموار ٿيندي. هن چيو ته اي-سروسز ننڍن ڪمن لاءِ سرڪاري آفيسن ۾ چڪر لڳائڻ وارن درخواست ڏيندڙن لاءِ غير ضروري پريشانين کي گهٽ ڪري ڇڏيندي. محمد يونس ڏاگا چيو ته نئين ڊجيٽل سسٽم جو سڀ کان وڏو فائدو اهو آهي ته ان جي مدد سان سرڪاري رڪارڊ محفوظ ڪيو ويو آهي. خاص ڪري زمين جي ملڪيت جا رڪارڊ. ڊجيٽلائيزيشن سان زمين جي رڪارڊ ۾ ڦيرڦار ۽ ٽيمپرنگ هاڻي ناممڪن ٿيندي. رڪارڊ هاڻي آن لائن دستياب هوندو جنهن سان انهن ادارن ۽ انهن جي ڪارڪردگي ۾ شفافيت ۽ رڪارڊ جي حفاظت يقيني ٿيندي. هن چيو ته نئين نظام کي مستحڪم ڪرڻ ۾ ڪجهه وقت لڳندو هن اميد ظاهر ڪئي ته نئين چونڊيل حڪومت هن نظام کي مضبوط ڪندي ۽ وڌيڪ بهتر بڻائيندي. هن چيو ته ايندڙ ڏينهن ۾ روينيو کاتي جي سمورن آفيسن ۾ اي-سروسز پڻ شروع ڪئي ويندي. ان موقعي تي نگران صوبائي وزير قانون عمر سومرو تقريب کي پڻ خطاب ڪيو. ان موقعي تي ٽڊاپ TDAPجي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر زبير موتي والا ۽ واپاري برادري جي ٻين نمائندن انڊسٽريز کاتي جي گورننس ۾ جامع سڌارا آڻڻ تي نگران وزير محمد يونس ڏاگا جي ڪوشش کي ساراهيو هن چيو ته صوبي ۾ سيڙپڪاري جي ماحول کي بهتر بڻائڻ لاءِ هي هڪ تمام ڪارائتو قدم آهي. هن اميد ظاهر ڪئي ته ايندڙ چونڊيل حڪومت ان ۾ وڌيڪ بهتري آڻيندي. تقريب ۾ سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ زاهد علي عباسي. سيڪريٽري انڊسٽري اينڊ ڪامرس سنڌ عبدالرشيد سولنگي ۽ لاڳاپيل کاتن جا ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا.. تقريب جي پڄاڻي تي نگران صوبائي وزير محمد يونس ڏاگا ٿوري وقت ۾ ڊيجيٽلائيزيشن جو ڪم مڪمل ڪندڙ آفيسرن ۽ عملي کي اعزازي شيلڊن سان نوازيو

بقايا *** 23

ڪئي ملاقات ۾ پاڪ ايران اقتصادي سهڪار وڌائڻ. سنڌ ۽ سيستان رج ۾ مختلف شعبن ۾ وفدن جي مٽاسٽا ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي گورنر سنڌ چيو ته ٻن طرفن لاڳاپن ۾ وڌيڪ اضافو گڏيل مفادن ۾ آهي هن چيو ته سيستان جي سيڙپڪارن کي سنڌ ۾ ڀليڪار ڪنداسين صوبي سيستان ۽ بلوچستان جي گورنر محمد ڪرامي گورنر سنڌ جي ٻن طرفن لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪيل ڪوشش ۽ سنڌ صوبي جي عوامي ڀلائي جي قدمن کي ساراهيو

بقايا *** 24

بئنڪ ۾ ڊالر 31 پئسا سستو ٿيڻ بعد 283 رپيا 20 پئسا تي ويو.ڪالهه انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 283 رپيا 51 پيسا تي هو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ شروع کان مثبت ڪاروبار جو رجحان جاري آهي. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس اڄ ٻيهر 66 هزار تائين پهچي ويو.100 انڊيڪس 552 پوائنٽن جي واڌ سان 66 هزار 3 تي پهچي ويو. ڪالهه ڪاروبار جي بند ٿيڻ تي. انڊيڪس 65,450 پوائنٽن تي بند ڪيو ويو.

بقايا *** 25

زبردستي شادي ڪرڻ جي ڪوشش ۽ مبينا زيادتي جو ڪيس جوابدار تي داخل ڪيو ويو آهي.65 سالن جي سردار پاران 12 ورهين جي نينگري سان زبردستي شادي ڪرڻ جي ڪوشش جو ڪورٽ سڪوري جي حڪم تي نينگري شازيہ منگيجو جي ماءُ جي فرياد تي مقامي سردار غازي خان منگيجو خلاف 20 ميل ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.مقامي سردار غازي خان منگيجو فرار ٿي ويو پوليس سردار غازي خان منگيجو جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هڻي رهي آهي.ياد رهي ته ڳوٺ گاهيجا جي رهواسي 12 ورهين جي شازيہ منگيجو سان سردار غازي خان منگائيجو زبردستي شادي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. والدين جي انڪار تي سردار چوڪري جي والدين کي 50 لک ڏنڊ جي آڇ ڪري ڇڏي. نينگري ۽ سندس والدين جي انڪار تي علائقي جو مقامي سردار 15 سائين سميت چوڪريءَ کي اغوا ڪري ويو هو پوليس عدالت جي حڪم تي چوڪري کي بازياب ڪرايو هو جنهن بعد جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب بااثر جوابدار پاران 15 ڏينهن کان چوڪريءَ سان سندس بنگلي ۾ زيادتي ڪرڻ جو انڪشاف پڻ ٿيو آهي.

بقايا *** 26

۾ دير جي اجازت نه ڏينداسين. پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ عدليا جي نگراني ۾ چونڊون ڪرائڻ بابت داخل درخواست تي چيف جسٽس محمد ابراهيم خان جي سربراهي ۾ ٻه رڪني خاص بئنچ ٻڌڻي ڪئي. بئنچ ۾ شريڪ ٻيو جج جسٽس شڪيل احمد هو ٻڌڻي دوران ايڊووڪيٽ جنرل. ايڊيشنل اٽارني جنرل. اليڪشن ڪميشن وڪيل ۽ درخواستگذار جو وڪيل پيش ٿيا. ايڊووڪيٽ جنرل عمر جاويد چيو ته هن درخواست ۾ اليڪشن ڪميشن جي نوٽيفڪيشن کي چئلينج ٿي نه ڪيو ويو ڇو ته جڏهن درخواست داخل ٿي ته ان وقت آر اوز ۽ ڊي آر اوز جو نوٽيفڪيشن جاري نه ٿيو هو. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته لاهور هاءِ ڪورٽ ته اليڪشن ڪميشن جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو آهي. جنهن تي درخواستگذار جي وڪيل معظم بٽ ٻڌايو ته ها لاهور هاءِ ڪورٽ نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو آهي. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته هن وقت صوبي ۾ 700 کان وڌيڪ ٿري ايم پي اوز جا آرڊر جاري ڪيا ويا آهن. انتظاميا جو ڪم ڪير ڪم ناهي. رڳو ٿري ايم پي اوزجا آرڊر جاري ڪرڻ ٿي ڏيان آهي. جسٽس محمد ابراهيم خان چيو ته ڇا اهڙين حالتن ۾ اهڙي انتظاميا تحت صاف ۽ شفاف چونڊون ٿيڻ ممڪن آهي؟ ڇا اهڙي صورتحال ۾ اهي آفيسر پنهنجا فرض انجام ڏئي سگهن ٿا؟ ايڊووڪيٽ جنرل چيو ته صوبائي حڪومت وٽ ڊيٽا موجود آهي ته هڪ ئي پارٽي آهي. جيڪا بنا اجازت جلسا ڪري رهي آهي ۽ حلف نامو به نه پئي ڏئي. چيف جسٽس چيو جڏهن چونڊن جي منڊ ايندي آهي ته پوءِ ٿري ايم پي اوزجا آرڊر جاري ڪيا ويندا آهن. اليڪشن ڪميشن وٽ اختيار آهي ته جيڪو ڀڃڪڙي ڪري ان خلاف ڪارروائي ڪري. هيل تائين ڪيترن آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي ۽ سزا ڏني وئي؟ ان تي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل چيو ته ڀڃڪڙي ڪندڙ ڪيترن ئي ماڻهن خلاف ڪارروائي ٿي آهي. چيف جسٽس هر ڪو اهو چاهي ٿو ته چونڊون صاف ۽ شفاف ٿين. توهان ائين ڪيو جو هن درخواست ۾ ترميم ڪري ڇڏيو. توهان اڳ ۾ درخواست داخل ڪئي. نوٽيفڪيشن کي چئلينج نه ڪيو. توهان ان کي چئلينج ڪيو پوءِ ٻڌنداسين. پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس چيو ته اليڪشن قوم جي امانت آهي ۽ انتهائي اهم قومي معاملو آهي. ان ۾ دير جي اجازت نه ڏينداسين. چونڊن جي جيڪا تاريخ مقرر آهي. ان کان نه هڪ ڏينهن وڌيڪ نه گهٽ ڪنداسين. پي ٽي آءِ جي وڪيلن ضمني درخواست لاءِ مهلت گهري ورتي. جنهن تي عدالت چيو ته ضمني درخواست کانپوءِ ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي ٿيندي.

بقايا *** 27

. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه هتي هڪ مقامي هوٽل ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي شعبي جي ترقي واري حڪمت عملي جي موضوع تي منعقد ڪيل ورڪشاپ کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين پاڪستان ۽ خاص طور تي سنڌ ۾ مختلف حڪمت عملين جوڙڻ ۾ آئي ٽي سي جي ڪوشش کي ساراهيو. موجوده شعبي جي ترقياتي حڪمت عملي جي حوالي سان هن چيو ته پاڪستان دنيا ۾ ٽماٽو پيدا ڪندڙ ملڪن ۾ 34 هين نمبر تي آهي. پاڪستان ۾. سنڌ ۾ ٽماٽي جي پيداوار جو 34.4 سيڪڙو اڃا به ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. ڇاڪاڻ ته هر سال 35 سيڪڙو کان 50 سيڪڙو پيداوار خراب ٿي ويندي آهي ۽ اڪثر ڪري فصل ۾ ڪيڙو لڳڻ ۽ بيمارين جي سبب سان ٿيندو آهي. هن وڌيڪ چيو ته انهن سڀني حقيقتن جي باوجود هارين کي سندن پيداوار جو مناسب معاوضو نه ٿو ملي. سنڌ فوڊ اٿارٽي ٽماٽو ڪيچپ جي صنعت سان گڏجي ڪم ڪندي ته جيئن ملاوٽ ٿيل ڪيچپ ناهيندڙن ۽ وڪرو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي. ان بعد ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين شنگريلا فوڊ (پرائيويٽ) لميٽيڊ جو دورو ڪري ٽماٽو ڪيچپ ناهڻ جي عمل جو جائزو ورتو. جتي اداري جي ايڊمنسٽريٽر جي اعليٰ آفيسر سندن آجيان ڪئي.

بقايا *** 28

ٿي سگهي. نه هوءَ گهڻو ڳالهائي سگهي ٿي ۽ نه گهمي ڦري سگهي ٿي. اسلام آباد پوليس لاهور ۾ چائلڊ پروٽيڪشن بيورو اچي رضوانا جو بيان رڪارڊ ڪري ورتو آهي. رضوانا بيان ۾ الزام هنيو آهي ته جج جي زال مون تي تشدد ڪندي هئي. منهن کي پٽ ۾ ٽڪر هڻائيندي هئي. انهن کي به ائين ئي ماريو وڃي. جيئن اهي تشدد ڪندا هئا. نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي رضوانا چيو ته مون کي ڏنڊن ۽ بيٽن سان ماريو ويندو هو. ڇُريون تنبيون ونديون هيون. هوڏانهن چائلڊ پروٽيڪشن بيورو پنجاب جي چيئرپرسن سارا احمد چيو آهي ته اسلام آباد پوليس گهريلو تشدد جو شڪار رضوانا جو بيان رڪارڊ ڪري ڇڏيو آهي. ان جي ليگل ٽيم به بيان وقت موجود هئي.

بقايا *** 29

جي ڀهرئين سيمي فائنل ۾ پاڪستان انڊر 19 ٽيم 194 رنسن جي ملبل هدف جي جواب ۾ 182 رنسن تي ڍير ٿي وئي. پاڪستان طرفان ڪپتان سعد بيگ 50 ۽ اذان اويس 41 رنسن سان اڳيرا رهيا. عامر حسن 27. شاهزيب خان 11. محمد ذيشان 10. عرفات منهاس 8. رياض الله 4. تجب خان 3. شمائل حسين ۽ عبيد الله ڪاتوئي ته ڪوليو. علي اسفند 16 رنسون ناهي ناٽ آئوٽ رهيو. يو اي اي جي ايمن احمد ۽ هارڊڪ پائي 2_2. جڏهن ته اومد رحمان. ڌرو پراشر ۽ عمار بادامي هڪ — هڪ وڪيٽ حاصل ڪئي. ان کان اڳ يو اي اي جي ٽيم ٽاس هارائڻ کانپوءِ پاڪستان جي دعوت تي ٻهريان کيڏيندي 48 اوورن ۾ 193 رنسن تي آئوٽ ٿي وئي. يو اي اي طرفان ڪپتان آيان افضل خان 55. يانش شرما 46 ۽ ايٿن ڊي سوزا 37 رنسن جي اننگز کيڏي. پاڪستان جي عبيد شاهه 4. علي اسفند ۽ عرفات منهاس 2_2. جڏهن ته عامر حسن ۽ محمد ذيشان هڪ — هڪ وڪيٽ ورتي. هوڏانهن ٻئي سيمي فائنل ۾ بنگلاديش ڀارت کي 4 وڪيٽن تان شڪست ڏئي فائنل جي دوڙ کان ٻاهر ڪري ڇڏيو ايونٽ جو فائنل بنگلاديش ۽ يو اي اي جي ٽيمن وچ ۾ 17 ڊسمبر آچر ڏينهن کيڏيو ويندو.

بقايا *** 30

۾ وڌيڪ اضافو ڪرائي ورتو تفصيل مطابق حيدرآباد جي ٻناڻ ڪالوني ۾ کاتي جي زمين تي سالن کان پي ايس او جو پيٽرول پمپ هو جنهن تي پمپ جو مالڪ ڪيترن ئي سالن کان اڳ ٿيل معاهدي تحت صرف 8 هزار رپيا ماهوار ادا ڪري رهيو هو ڊپارٽمينٽ پاران ڪرائي ۾ واڌ بابت ڪيترائي ڀيرا پيٽرول پمپ مالڪ سان رابطو ڪيو پر پمپ مالڪ نه ئي ڪرايو وڌائي پيو ۽ نه ئي رضامند هو نه ئي ٻولي لڳائڻ ڏيندو هو. جڏهن ته پيٽرول پمپ جو مالڪ 2007ع ۾ ليز ختم ٿيڻ کان پوءِ زمين تي قبضو ڪري رهيو هو ۽ ان جو ڪرايو به ادا نه ڪري رهيو هو. سنڌ جي آبپاشي وزير ايشور لال جي سخت حڪمن تي کاتي جي زمينن کي خالي ڪرڻ لاءِ کاتي عدالت کان مدد گهري. جنهن بعد عدالت آبپاشي کاتي جي حق ۾ فيصلو ڏيندي زمين ڪرائي جي ٻولي مقرر ڪرڻ جي هدايتون جاري ڪيون. آبپاشي کاتي پاران قيمتي زمين جي ڪرائي تي ڏيڻ لاءِ نيلامي ڪئي وئي جنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ ٻولي 9 لک 15 هزار رپيا ماهوار لڳايا ويا. آبپاشي کاتي سڀ کان وڌيڪ ٻولي ڪندڙ جي حق ۾ فيصلو ڪندي ڪرائيداري جو معاهدو طئي ڪري ورتو آهي. نگران صوبائي وزير ايشور لال لاڳاپيل اختيارين کي کاتي جي حق ۾ بهترين قدم کڻڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ هدايت ڪئي ته کاتي جي باقي قبضي وارين زمينن کي به خالي ڪرايو وڃي ۽ سمورن ڪرائيداري معاهدن جي ٻيهر جاچ ڪئي وڃي. ايشور لال چيو ته کاتي جي بهتري ۽ عوام جي مفاد لاءِ هو هر قسم جي قانوني ۽ دفتري ڪارروائي ڪرڻ ۾ دير نه ڪنداسين.

بقايا *** 31

۾ سرگرم عليحدگي پسند گروپ ڪيو پوليس جي جوابي ڪارروائي ۾ ڪيترائي ئي حملو ڪندڙ به مارجي ويا. ايران جي صوبي سيستان بلوچستان جي نائب گورنر علي رضا مرحمتي حملي جي ذميواري جيش العدل نالي عليحدگي پسند جماعت تي مڙهيندي ٻڌايو ته ٿاڻي تي حملي ۾ سينيئر پوليس آفيسر ۽ سپاهي مارجي ويا آهن.

بقايا *** 32

جي رد يا رد ٿيڻ خلاف اپيلون داخل ڪرڻ جي آخري تاريخ 3 جنوري 2024 آهي جڏهن ته اپيلن تي اپيليٽ اٿارٽي جي فيصلن جو آخري ڏينهن 10 جنوري 2024 هوندو. اليڪشن شيڊول موجب اميدوارن جي حتمي لسٽ 11 جنوري تي جاري ڪئي ويندي ۽ نامزدگي ڪاغذ واپس وٺڻ جي آخري تاريخ 12 جنوري 2024 هوندي. ٻئي طرف اليڪشن ڪميشن آر اوز ۽ ڊي آر اوز جي ٽريننگ بحال ڪري ڇڏي ۽ اهو فيصلو سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي روشني ۾ ڪيو ويو اليڪشن ڪميشن موجب رٽرننگ آفيسرن جي ٽريننگ 17 ۽ 18 ڊسمبر تي ٿيندي. جڏهن ته ضلعي رٽرننگ آفيسرن جي ٽريننگ 19 ڊسمبر تي ٿيندي. واضح رهي ته سپريم ڪورٽ لاهور هاءِ ڪورٽ جي ضلعي رٽرننگ آفيسرن (ڊي آر اوز). رٽرننگ آفيسرن (آر اوز) ۽ اسسٽنٽ رٽرننگ آفيسرن (اي آر اوز) جي ڊپٽي ڪمشنرن جي مقرري بابت اليڪشن ڪميشن جو نوٽيفڪيشن معطل ڪرڻ واري فيصلي تي عملدرآمد ڪري ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن اليڪشن ڪميشن کي اڄ ئي اليڪشن شيڊول جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.

بقايا *** 33

جي قيمت ۾ 13 رپيا 50 پئسا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي آهي.ذريعن جو چوڻ آهي ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي اڄ لاڳو ٿي وئي ناڻي واري وزارت به گاسليٽ جي قيمت ۾ 10 رپيا 14 پئسا في ليٽر ۽ لائٽ ڊيزل آئل جي قيمت ۾ 11 رپيا 29 پئسا في ليٽر گهٽتائي ڪئي. پيٽرول جي نئين قيمت 267 رپيا 34 پئسا جڏهن ته ڊيزل جي نئين قيمت 276 رپيا 21 پئسا مقرر ڪئي وئي نوٽيفڪيشن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته گاسليٽ جي نئين قيمت 191 رپيا 2 پيسا ۽ لائيٽ ڊيزل جي نئين قيمت 164 رپيا 64 پئسا مقرر ڪئي وئي آهي

بقايا سنڌيار 01

جي ڳوٺ ڪامل مهر واسي ڳوٺاڻان هن جديد دور ۾ به رستي جي سهولت کان محروم بڻيل اڌ ڪلو ميٽر فاصلو پاڻي مان جهاڳي شهرن ڏانهن پهچن ٿا تڪ جي چونڊيل نمائيندن جي درن جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي ٿڪ مجبور ٿي ڳوٺاڻا پاڻ ۾ چندو ڪري پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪرين مشين گهرائي رستو ٺهرائڻ لڳا ان موقعي تي ڳوٺاڻن غلام مصطفىٰ مهر عرفان مهر علي گل مهر نور محمد مهر ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو ته اسان جو ڳوٺ ڪامل مهر مبارڪپور کان ڪجه مفاصلي تي آهي پر اسان جي ڳوٺ کي هر ڀيري نظر انداز ڪيو ويو آهي اڌ ڪلو ميٽر رستي لاءِ ڪافي پيرا ٽڪ جي . آيم پي اي جام اڪرام الله ڌاريجي جي در جا چڪر ڪاٽيا پر رڳو سڪنا دلاسا ملندا رهيا آهن بيمار ماڻهن کي شهر ڏانهن ڪٺي وڃڻ تي به شديد تڪليف ٿئي ٿي اڌ ڪلو ميٽر رستو پاڻي مان ڪراس ڪرڻو پئي ٿو ٻين ڪافي ڳوٺن ڏانهن به هي رستو وڃي ٿو هينئر اسان پنهنجو مال متاع ۽ ڪٽڪ جا داڻان کپائي پئسا گڏ ڪري رستو ٺهرايون ويا ڳوٺاڻن نگران حڪومت کان مطالبو ڪندي چيو ته سنڌن جي احتجاج جو نوٽيس وٺي ڳوٺ ڪامل مهر ۽ ٻين ڳوٺن ڏانهن اينڊز رستي جي سهولت ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 02

پي پي ايل جي تعاون سان شهدادپور جي انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز سمس اسپتال انتظاميه ۽ آئي ڊيپارٽمنٽ جي گڏيل سهڪار سان اکين جي علاج ۽ آپريشن جي مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي آهي. ڪيمپ انچارج عبدالجبار ميمڻ تفصيلات ڏيندي ٻڌايو ته ٽن ڏينهن واري الشفاء ٽرسٽ جي هن ڪيمپ ۾ سمس جي آئي سرجن ڊاڪٽر عبداللطيف چنه اسان جي ٽيم جي آئي سرجن ڊاڪٽر آغا شاهه جهان، ڊاڪٽر نظر، ڊاڪٽر الهه بخش ۽ ڊاڪٽر ياسر تي مشتمل ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف 3000 هزار کان وڌيڪ اکين جي بيمارين ۾ مبتلا مريضن کي چيڪ ڪري کين گهربل دوائون چشما ڏنا ويا جڏهن ته 384 کان مٿي موتئي جي مريضن جا آپريشن ڪري انهن کي مفت لينس لڳايا ويا. هن چيو ته سمس انتظاميه ۽ آئي شعبي جو تعاون قابل ذڪر آهي.

بقايا سنڌيار 03

جي محنت شاگردن جي ڏنل جوابن مان ظاهر ٿئي ٿي. نظام ڪڏائي چيو ته اسان جو مقصد ٻارڙن کي بهتر تعليم ڏياري سنڌن مستقبل سنوارڻ آهي. جنهن لاءِ ڪوششون جاري آهن. هن چيو ته بند ٿيل اسڪولن کي ڪولرائڻ سميت زبون حال بلڊنگس جي مرمت لاءِ به ڪوششون ورتيون پيون وڃن. هن چيو ته اسڪول جي بهتري لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن جو به ڪردار بهتر رهيو آهي. ان موقعي تي اسڪولي استادن سميت مقامي ڳوٺاڻا تاج حسين بروهي، خميسو بروهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. جن آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا.

بقايا سنڌيار 04

۾ ايس ايچ او شهدادپور نبي بخش جلباڻي ميڊيا کي ٻڌايو ته شهدادپور پوليس ڏوهارين خلاف هلايل مهم دران شهري داخلي ۽ خارجي رستن تي اسنيپ چيڪنگ ۽ ناڪابندي دوران موٽرسائيڪل لفٽر ۽ موبائل اسنيچر ڪندڙ خطرناڪ جوابدار غفور رڏ کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 04 چوري ٿيل موٽرسائيڪلون ۽ هڪ ٽي ٽي پسٽل هٿ ڪري ورتو گرفتار جوابدار اڳ ٿي پوليس مقابلن جي ٻن ڪيسن ۾ گهربل هو گرفتار جوابدار خلاف سنڌ آرمس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا سنڌيار 05

گسٽا ضلعي اڳواڻ عنايت شيخ گسٽا تعلقي بدين صدر ڪاشف قادر ميمڻ . بابو لغاري گسٽا اڳوڻ گولاڙجي ،ضياء الله چيمه گسٽا يونٽ صدر گولاڙجي ۽ ٻين استادن خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته بدين ضلعي جي ٽريزري آفيس ڪرپشن جو گڙهه بڻيل آهي. آئي ڏينهن ملازمن کي تنگ ڪيو پيو وڃي. ٽريزري آفيس جو اڪائونٽ آفيسر گلجي استادن سميت سڀني سرڪاري ملازمن جي ڪمن تي اجايا اعتراض واري رشوت وٺڻ جا بهانا ناهيو ڪاغذ ۽ فائيلون موٽائي سنڌن ڪم ڪرڻ کان جواب اڳواڻن وڌيڪ ڳالهائيندي چو استاد يونين گسٽا جي ضلعي قيادت اخلاقي طور تي ٽريزري آفيسرن سان ڳالهيون ڪيون پر ان جي باوجود انهن استادن جا ڪم ڪرڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو. گسٽا ۽ سوشلسٽ سٽ سميت سڀئي استاد ۽ ٻيا سرڪاري ملازم وڌيڪ مطالبو ڪندي چيو ته ڪريٽ راشي آفيسر گلجي کي فلفور هٽايو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاجن جو دائرو وسي ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 06

ڇڏيو آهي، اهڙي عمل بعد نماز پڙهندڙ شهرين پوليس خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو ته هڪ ئي مسجد مان اسان جون ٻه موٽر سائيڪلون چوري ٿي ويون آهن احتجاج ڪندڙ عامر آرائين حقنواز چاچڙ قاري اسامه سولنگي جو چوڻ هو ته اوباڙو پوليس جا اهلڪار شهر ۾ گشت بدران پنهنجي روزي تي لڳل هوندا آهن جڏهن ته اسان شهرين کي ڪنهن به قسم جو تحفظ ناهي. هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سکر ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته هن معاملي جو نوٽيس وٺي جلد اسان جون چوري ٿيل موٽر سائيڪلون واپس ڪرايون وڃن.

بقايا سنڌيار 07

شاه جي ڀاءُ سيد غلام مصطفى شاهه صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سندس ڀاءُ پوليس هيڊ ڪانسٽيبل سيد نظر محمد شاهه هڪ مهينو اڳ 15 نومبر تي اسٽيل ٽائون ملير ايسٽ زون ٿاڻي ڪراچي جي DSPآفيس ۾ DSPشاهنواز ميمڻ پاران ڪيس ڪنهن انڪوائري جي سلسلي ۾ گهرايو جتي سول ماڻهن جن ۾ علي سيال ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. جن سان سيد نظر محمد شاهه جو جهيڙو ٿي پيو. جنهن بعد اتان جي پوليس اهلڪارن DSPجي چوڻ تي اسٽيل ٽائون ملير ايسٽ زون ٿاڻي تي ويهاري ڇڏيس جتان هو پراسرار تمونئي گم ٿي ويو آهي، جنهن جو هڪ مهينو گذرڻ باوجود اڃان تائين ڪو ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو. سيد غلام مصطفىٰ شاهه الزام هڻندي چيو آهي ته سندس ڀاءُ کي پوليس وارن پاڻ هٿ سان گم ڪرائي ڇڏيو آهي، کين خدشو آهي ته ڪٿي پوليس سندس ڀاءُ کي ڪو ڪوڙو مقابلو ڏيکاري مارائي نه ڇڏي، ڇاڪاڻ جو هڪ مهينو گذرڻ باوجود پوليس ان جي ڳولا ڪرڻ توڙي اسان سان تعاون ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هن چيو ته سندس ڀاءُ جي گمشدگي بابت هاءِ ڪورٽ سنڌ ۾ پڻ پٽيشن به داخل ڪرايل ڪرائي آهي. هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، نگران سنڌ جي وڏي وزير، آءِ جي سنڌ، ايس ايس پي ملير ايسٽ زون ڪراچي سميت سمورن وس وارن کان گهر ڪئي ته سندس ڀاءُ پوليس هيڊ ڪانسٽيبل سيد نظر محمد شاهه کي ظاهر ڪري سندس فون نمبر ٽريس ڪري جاچ ۾ سندس ڀاءُ سان جهيڙو ڪندڙ علي سيال ۽ ٻين کي شامل ڪري حقيقت کي ظاهر ڪري سائڻ انصاف ڪيو وڃي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 08

صدر وڪيل هيمراج ڀيل جنرل سيڪريٽري جام غني سميجو تنيراج ڀيل،سورو مل ڀيل جي اڳواڻي ۾ رهواسين پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي نيڪالي ڏنل ملازم اير ٻي سومرو صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو ته هو مسلسل ڪم ڪندڙ مزدورن جي حقن جي لاءِ ڪمپني انتظاميا اڳيان ڏانهيندو رهيو جنهن جو نتيجو اهو مليو جو هو موڪل تي ڳوٺ ويل هو ته پويان بنا ڪنهن اطلاع جي کين نوڪري، مان فارغ ڪندي مينيجمينٽ ٽرمينيشن ليٽر اي ميل ذريعي اماڻڻ سان گڏوگڏ سنڌس ڀيل سامان پڻ ٽي سي ايس ذريعي ڳوٺ اماڻيو ويو هن چيو ته منهنجو ڏوهه اهو آهي عيد جي سڳوري ڏينهن تي مزدورن کي ماني ۽ پاڻي به نه ڏنو ويو مون ڪمپني اڳيان مزدورن سان ٿيندڙ ظلم خلاف آواز اٿاريو ۽ پنهنجي ذاتي سوشل ميڊيا جي اڪائونٽ تي مزدورن جي ٿيندڙ حق تلفي خلاف آواز اٿاريو جنهن تي ڪمپني انتظاميا نوڪري، تان فارغ ڪري ڇڏيو هن چيو ته هو اينگرو پاورجن ۾ اٺ سالن کان ملازمت ڪندو رهيو آهي پر ڪمپني انتظاميا بلاجواز نوڪري، تان فارغ ڪرڻ بعد منهنجي مزدورن جي حقن لاءِ مسلسل احتجاج جي باوجود مينيجمينٽ ڪو رابطو نه ڪيو آهي هن چيو ته مينيجمينٽ مون سان ٽيبل ٽاڪ ڪري جتي چوي آئون ٽيبل ٽاڪ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ڪمپني جي متاثر هريش ڀيل ٻڌايو ته هن ڪمپني، ۾ مبينا خودڪشي ڪندڙ مقامي مزدور گرڌاري بابت پنهنجي ذاتي اڪاونٽ تي لکيو ته ڪمپني انتظاميا ڪاڻئڻ روزگار کسي ڇڏيو متاثر ملازمن جو چوڻ هو ته ڪمپني انتظاميا مزدورن سان ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي پر اسين مزدورن لاءِ ليبر پاليسي جي گهر ڪري رهيا آهيون ڪمپني کي اڄ نه ته سڀاڻي ضرور ليبر پاليسي ڏيڻي پوندي وڪيل هيمراج ڀيل تنيراج ڀيل سوروسل ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته ٿرڪول ۾ انتظاميه مقامي ماڻهن سان ناانصافين جي حد ڪري ڇڏي آهي اسين واضع ڪريون ٿا ٿرڪول ۾ ڪمپنين جي ناانصافين خلاف 24 ڊسمبر تي اسلام ڪوٽ ۾ تاريخي احتجاج ڪيو ويندو جنهن سمورين ڌرين کي شرڪت ڪرڻ جي اپيل ڪريون ٿا

بقايا سنڌيار 09

قائم اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر مورو جي ڪريٽ راشي انچارج غلام رسول عالماڻي لکين رپين جي بجيٽ کي چونو هٽي هضم ڪري ڇڏيو اداري جي معذور ٻارڙن سميت اداري تي خرچ ڪرڻ جي بهاني سان لکين رپين جي بجيٽ کي چونو لڳائڻ جا اهم انڪشاف سامهون آيا آهن ذريعن وٽان اهو به معلوم ٿيو آهي ته ٻارڙن تي ڪو به ڌيان نٿو ڏنو وڃي خصوصن ٻارڙن جي تعليم بلڪل تباح آهي ٻارڙا جيئڻ اسڪول وڃن ٿا تئين واپس اچن ٿا اداري ۾ موجود ٽيچر اڻ سيکراٽن جي هٿان خصوصي ٻارڙن جو مستقبل تباح ڪيو پيو وڃي اداري ۾ ٻارڙن لاءِ صاف پاڻي جي سهولت سان گڏ ٻارڙن جي لاءِ راندين ڪيڏڻ لاءِ راندين جو متيريل، رانديڪن جو پڻ ڪو به بندوبست ٿيل ناهي، سنڌ حڪومت سميت اسپيشل ايجوڪيشن ڊپارٽمنٽ جي سيڪريٽري ۽ اعلىٰ اختيار رکڻ وارن کي گهرجي ته آخر لکين رپين جي بجيٽ جيڪا اداري مان نڪتي آهي اها ڪاٿي خرچ ٿي آهي ان جي انڪوائي ڪرائي وڃي

بقايا سنڌيار 10

زال محمد عثمان بلوچ سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته چار هفتا اڳ اسڪول ۾ پڙهندڙ پٽ عرفان کي جوابدار اياز علي ڪهاوڙ، اعجاز، سهيل، عابد علي ڪهاوڙ ۽ ٻين قتل ڪيو هو واقعي هن وقت تائين ايف آءِ آر به داخل ناهي ڪئي وئي اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس جوابدارن سان ٻٽ بڻيل آهي جنهن ڪري نوجوان پٽ جو ڪيس به داخل نه پئي ڪري انصاف جي حاصلات لاءِ در در ڀٽڪي رهي آهيان پر هن وقت تائين قاتل کلي گهمن پيا. متاثر عورت اعلي اختيارن کان مطالبو ڪير آهي ته پٽ عرفان بلوچ جي قاتلن کي گرفتار ڪرائي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي انصاف ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 11

۾ ڪيسن ۾ گهربل چاليه ڪيسن ۾ بدنام زمانه چرس سپلائير منشيات فروش محمد صالح ملاح کي 575 گرام چرس سميت گرفتار ڪري ورتو، ان ڪامياب ڪاروائي تي ايس ايس پي ٺٽو علي بخش عرف آفتاب نظاماڻي سب انسپيڪٽر شوڪت علي درس کي دبنگ ڪاروائي تي پوري ٽيم سميت مبارڪ باد پيش ڪيون ۽ مڪلي پوليس تي اعتماد جو اظهار ڪيو.

بقايا سنڌيار 12

جو ٽئين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو مظاهرين جن جي اڳوائي وحيد لنڊ، بابر لاشاري، مجيد ڳوراهو عباس پلهه، ممتاز ميمڻ، سهراب مري ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا جن نعري بازي پڻ ڪئي ان موقعي تي اڳوائڻ چيو ته مختيارڪار عزيز جوٿيجو جيئن ئي چارج ورتي آهي ان ڏينهن کان هو آفيس جا ڪم ڪرڻ بدران ٻين ڪاتن جي ڪمن ۾ رڌل هو جيڪو غريب ڪاتيدارن جي ڪمن ۾ وڏي رنڊڪ وجهي پيو هنن چيو ته مختيارڪار غريب ڪاتيدارن جا ڪم رولڙي ۾ وجهن لاءِ سيل , فارم 2 فارم 7 جا ڪتاب ڪٿي اچڻ لاءِ تيار نه هو جيڪو صرف ان لاءِ ته هو ريٽ ٻيٺا ڪرڻ پيو چاهي جيڪا غرب ڪاتيدارن سان ناانصافي آهي هنن اعلااختيارين کان مطالبو ڪيو ته نااهل ۽ ڪريٽ مختياڪار عزيز جوٿيجو کي هٽائي ايماندار مختيارڪار مقرر ڪيو وڃي نه جيئن ڪاتيدارن جا ڪم ٿي سگهن هوڏانهن ٻئي طرف اي سي نوشهروفيروز علي شان ملڪ احتجاج تي ويٺلن سان ڳالهيون ڪيون پر احتجاج ڪندڙن ڪيس اڳيان هڪ ٿي مطالبو رکيو ته جيستائين مختيارڪار بدلي نه ٿيندو احتجاج ختم نه ڪبو

بقايا سنڌيار 13

